تفهيم السنة ١٥

قرآن مجيد ۽ صحيح حديثن جي روشنيءَ ۾

# شفاعت جو بيان

محمد اقبال ڪيلاني
جامعه ملڪ سعود ـ الرياض

مترجم
سڪندر عباسي

هيءَ ڪتاب ڪريہ اهل خير ڇاپائي ۽ مفت ورهائي سگهي ٿو

ڪتاب جو نالو: شفاعت جا مسئلا

مرتب: محمد اقبال ڪيلاني
جامعہ ملڪ سعود الرياض، سعودي عرب

مترجم: سڪندر عباسي

تاريخ اشاعت: ذوالحجه 1424 هجري

ڇاپو: پهريون

تعداد: هڪ هزار

پريس: شيخ پرنٽرز ، مدينہ مارڪيٽ ، ڪوڪر محلہ حيدرآباد

قيمت: وقف لله تعاليٰ

ملڻ جو هنڌ: (1) احمد علي عباسي ، B-43 فيز II ،
سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي، ڄامشورو، سنڌ
فون: 0221-771681 Ext: 2028

(2) نجيب عباسي، نجيب موٽرز، ويجهو چشمخانہ
ڪلب، دڪان نمبر 6، ڪينٽ، حيدرآباد، سنڌ
فون: 0221-728142-782162

نوٽ: ڪتاب گهرائڻ لاءِ انن روپين جون پوسٽ ٽڪليون موڪلڻ ضروري آهن

# فهرست


| باب جو نمبر | باب جو عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1 | بسم الله الرحمن الرحيم | 12 |
| 2 | پنهنجي طرفان | 47 |
| 3 | مختصر اصطلاحات حديث | 49 |
| 4 | حديثن جي ڪتابن جا نالا | 52 |
| 5 | شفاعت جو مطلب | 53 |
| 6 | شفاعت برحق آهي | 55 |
| 7 | شفاعت جو مشرڪاڻو عقيدو | 56 |
| 8 | شفاعت جي مشرڪاڻي عقيدي جو ڪوڙو هجڻ | 59 |
| 9 | شفاعت جو اسلامي (صحيح) عقيدو | 65 |
| 10 | شفاعت ۽ ملائڪ | 68 |
| 11 | شفاعت ۽ انبياء عليهم السلام | 70 |
| 12 | شفاعت جي قبوليت جا شرط | 73 |
| 13 | شفاعت ڪرڻ وارا | 82 |
| 14 | شفاعت حاصل ڪرڻ وارا عمل | 89 |
| 15 | شفاعت کان محروم ماڻهو | 92 |

| باب جو نمبر | باب جو عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 16 | شفاعت جي اجازت ڪنهن کي ملندي؟ | 93 |
| 17 | اُمت جي لاءِ جنت ۾ داخل ٿيڻ بدران شفاعت جو انتخاب | 96 |
| 18 | مقام محمود | 98 |
| 19 | شفاعت جا قسم | 100 |
| | 1. شفاعت ڪبريٰ | 101 |
| | 2. جنت ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ سفارش | 104 |
| | 3. اصحاب اعراف جي لاءِ سفارش | 107 |
| | 4. ڪبيره گناهن جي ڪرڻ وارن جي لاءِ سفارش | 108 |
| | 5. جنت ۾ درجات جي بلندي جي لاءِ سفارش | 111 |
| | 6. دوزخ جي عذاب گهٽائڻ لاءِ سفارش | 113 |
| | 7. الله عزوجل جي (پنهنجي ذات جي طرفان) شفاعت | 114 |
| 20 | حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي دنيا ۾ پنهنجي اُمت لاءِ سفارش | 117 |
| 21 | شفاعت ۽ ڪافرن جي حسرت | 119 |

# انتساب

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده ونصلي علي رسوله الكريم

انهيءَ صاق المصدوق جي پياري نالي تي منسوب ٿو ڪريان جنهن جي سچائيءَ جي ساک عرش واري پنهنجي سچي ۽ جاودان ڪتاب ڪريم ۾ ڏني،

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ (۽ بيشڪ تون وڏي خُلق تي آهين)
(سورة القلم، آيت 4)

وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ (۽ اسان تنهنجو نالو بلند ڪيو) (سورة نشرح، آيت 4)

انهيءَ آخري تاجدار نبوت ۽ رسالت جي محبوب نام گرامي ڏانهن جنهن جهڙو جڏهن کان رب ڪائنات هي دنيا پيدا ڪئي آهي، نه دنيا ڏٺو ۽ نه ٻڌو ۽ نه وري ڪو پيدا ٿيندو.

انهيءَ انسانيت جي هڏ ڏوکي، حريص، محسن، رئوف ۽ رحيم جي مبارڪ اسم ڏانهن جنهن جون راتيون به ڏينهن وانگر روشن هيون. "ليلها كنهارها" ۽ جنهن جو قول، فعل ۽ مثالي عمل جو پرتوو قيامت تائين راه هدايت ۽ نجات جو واحد ذريعو آهي.

انهيءَ حبيب ڏانهن جنهن کي سندن دشمن ۽ رسالت جي منڪرن به صادق ۽ امين چيو.

انهيءَ نبي امي (ﷺ) ڏانهن، جو نبي امي ته ضرور هو پر سندس جهڙو فصيح ۽ بليغ نه ڪائنات ڏٺو نه ڏسندي.

انهيءَ سهڻي سردار ۽ مڙني جي مهندار ڏانهن جنهن کي رب العالمين هڪ اهڙو مثالي رحمة للعالمين ڪري موڪليو جنهن جهڙو نه اڳ آيو نه ايندو.

انهيءَ محمود ذات جي نالي جنهن جي ارفع ۽ اعليٰ شان ۾ الله تعاليٰ پنهنجي قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو.

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ (۽ الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو، من اوهان تي رحم ڪيو وڃي) (سورة آل عمران، آيت 132)

# فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ؟

## پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟

### جنهن ڏينهن!

- آسمان ڦاٽي پوندو. (1:82)
- چنڊ بي نور ٿي ويندو. (8:75)
- تارا ڇڻي ڇڙ ٿي ويندا. (2:82)
- جبل پرزا پرزا ٿي ويندا. (6:56)
- قبرون کولي ڇڏيون وينديون. (4:82)
- ماڻهو پکڙيل پتنگن وانگر هوندا. (4:101)
- دليون ڏڪي رهيون هونديون. (8:79)
- نظرون پٿرائجي وينديون. (7:75)
- آنڊا وات ۾ اچي ويندا. (81:40)
- چهرا ذليل هوندا. (2:88)
- سج هڪ ميل جي فاصلي تي هوندو. (مسلم)
- ماڻهو پگهر ۾ ٻڏل (ٻڏل) هوندا. (مسلم)
- الله تعاليٰ ايترو قدر ڪاوڙ ۾ هوندو جو ان کان اڳ ڪڏهن به نه ڪيو هوندو. (بخاري ۽ مسلم)
- وڏا وڏا پيغمبر به پنهنجي جان جي امان طلب ڪري رهيا هوندا. (بخاري ۽ مسلم)

❁ مائهو شفاعت جي تلاش ۾ نڪرندا. (بخاري ۽ مسلم)

❁ حضرت آدم عليه السلام انڪار ڪري ڇڏيندو. حضرت نوح عليه السلام انڪار ڪري ڇڏيندو. حضرت موسيٰ عليه السلام انڪار ڪري ڇڏيندو. حضرت عيسيٰ عليه السلام انڪار ڪري ڇڏيندو.

(بخاري ۽ مسلم)

تڏهن.......

❁ اسانجو مڪرم رسول الله ﷺ، اسانجو اڪرم رسول الله ﷺ، اسانجو ڪريم رسول الله ﷺ، اسانجو رحمت رسول الله ﷺ، اسانجو شاهد رسول الله ﷺ. اسانجو مبشر رسول الله ﷺ، اسانجو نذير رسول الله ﷺ. اسانجو محسن رسول الله ﷺ، اسانجو هادي رسول الله ﷺ. اسانجو شفيع رسول الله ﷺ، اسانجو مشفع رسول الله ﷺ سيد الانبياء ﷺ. خطيب الانبياء ﷺ. شفيع الانبياء ﷺ. صاحب ڪوثر ﷺ. صاحب مقام محمود ﷺ، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ احمد مجتبيٰ ﷺ! اڳتي وڌندا ۽ فرمائيندا .......انالها ........اڄ مان ئي شفاعت جو اهل آهيان!

۽ پوءِ !

❁ پاڻ رسول ﷺ شفاعت جي اجازت وٺڻ لاءِ عرش عظيم جي

هيٺان سجدي ۾ ڪري پوندا. جيستائين الله چاهيندو.

(بخاري ۽ مسلم)

❁ سجدي ۾ حمد ۽ ثنا بيان ڪندا جيستائين الله چاهيندو ۽ جيڪي ڪجهه الله چاهيندو. (بخاري ۽مسلم)

❁ جڏهن شفاعت جي اجازت ملندن تڏهن پاڻ رسول الله ﷺ جي شفاعت ٻڌي ويندي ۽ قبول ڪئي ويندي. (بخاري ۽مسلم)

فَالْحَمْدُ لِلّٰهِ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيْهِ

كَمَا يُحِبُّ رَبُّنَا وَ يَرْضٰى

پوءِ . . . . . . . . اي ايمان وارؤ !

اي بصيرت ۽ بصارت وارؤ !

اي دانا ۽ بينا انسانو !

ڪجهه غور ڪريو ۽ سوچيو !

ان ڏينهن ڇوٽڪاري جي لاءِ !

❁ شفيع ۽ مشفع رسول ﷺ جي شفاعت حاصل ڪرڻ سئي ڳالهه آهي يا پاڻ ٺاهيل سفارشين جي سفارش حاصل ڪرڻ سئي ڳالهه آهي.

أَفَـــلَا تَـعْـقِـــلُوْنَ ؟

ڇا توهان عقل کان ڪم نه وٺندؤ ؟

بسم الله الرحمن الرحيم

# اظهار تشڪر

﴿ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰي عَبْدِهٖ وَ رَسُوْلِهٖ مُحَمَّدٍ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَ عَلٰي آلِهٖ وَ صَحْبِهٖ وَ مَنِ اهْتَدٰى بِهَدْيِهٖ اِلٰي يَوْمِ الدِّيْنِ اَمَّا بَعْدُ! ﴾

جڏهن اسلام جي دعوت جي شروعات ٿي تہ ان ۾ شامل ٿيڻ وارن ۽ ان تي ايمان آڻڻ وارن جي لاءِ صرف هڪڙوئي رستو هو تہ انجي داعي رسول الله ﷺ کان جيڪي ڪجهہ مليو ان کي وٺو ۽ جنهن (ڳالهہ) کان اهي روڪين اها نہ ڪريو. اڳتي هلي جڏهن پاڻ رسول الله ﷺ جي ڪم ۾ وسعت ۽ ڪشادگي آئي تہ هن اصول جي بار بار ۽ مختلف انداز ۾ تلقين ۽ تاڪيد ڪئي وئي. فرمايو ويو ﴿ يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَ لَا تُبْطِلُوْا اَعْمَالَكُمْ ﴾ اي ايمان وارؤ! الله جي اطاعت ڪريو ۽ رسول الله ﷺ جي اطاعت ڪريو ۽ پنهنجي عملن کي ضائع نہ ڪريو (سورة محمد. آيت نمبر 33) جيستائين اُمت انهيءَ اصول تي قائم رهي، خير ۽ ڀلائي انجا قدم چمندا رهي. جڏهن اُمت ۾ وڌيڪ وسعت آئي تہ عقل پسندن جا ڪيترائي گروهہ پيدا ٿي پيا. جن عقيدن ۽ احڪامن، اصول ۽ فروع کي پنهنجي عقلن سان پرکڻ ۽ اُمت ۾ پنهنجا حلقا بنائڻ شروع ڪيا. نتيجو هي نڪتو جو اُمت پستيءَ جي غار ۾ ڪرڻ لڳي. امام مالک رحمة الله هن جو ڏاڍو چڱو علاج تجويز ڪيو هو. فرمايو هئائون ﴿ لَنْ يُصْلِحَ آخِرُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ اِلَّا بِمَا صَلُحَ اَوَّلُهَا ﴾ يعني هن اُمت جي پڇاڙي انهيءَ شيءِ سان ٺيڪ ٿيندي جنهن سان هن جو اڳ ٺيڪ ٿيو هو. يعني خالص اتباع ڪتاب ۽ سنت سان ليڪن افسوس جي ڳالهہ آهي جو اڄ اُمت جي مٿان عقل پرستي جي اهائي زهريلي هوا هلي رهي آهي ۽ اُمت وري انهيءَ پستي ۽ تنزل ڏانهن وڃي رهي آهي جنهن جو علاج اهوئي آهي جيڪو امام مالک تجويز ڪيو هو. خوشي جي ڳالهہ آهي جو ملک سعود يونيورسٽي رياض جو استاد محمد اقبال ڪيلاني صاحب جن هڪ دين پسند عالم آهن ۽ شروع کان ٿي ديني تحريڪن سان وابستہ ۽ انهن جي نگراني ۾ ڪم ڪندا رهيا آهن. ان ڪم جي نتيجي ۾ هنن جي اڳيان هي

راز كليو تہ اُمت جي اصلاح جو اصل كم اهو آهي تہ انكي خالص كتاب ۽ سنت جي تعليم سان ڳنڍي ڇڏجي ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي خيالن، فلسفن ۽ عقلي مونجهارن ۾ نہ ڦاسڻ ڏجي.

انهيءَ كري پاڻ هن كم كي پورو كرڻ جو ذمو کنيو ۽ عام ماڻهوءَ جي روز مره جي مسئلن جي تعلق سان خالص كتاب ۽ سنت مان معلومات گڏ كرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ شروع كيون. اهڙي طرح ڏسندئي ڏسندئي كيترائي كتاب تيار ٿي ويا ۽ نوجوانن توڙي طالب علمن جي لاءِ هڪ خالص ۽ جامع ديني كورس تيار ٿي ويو.

موصوف تفهيم السنة جي انهن كتابن ۾ مسئلن ۽ احكامن جي تحقيق جو جيكو طريقو اختيار كيو آهي ان ۾ كو بہ شڪ نہ آهي تہ اهو واحد طريقو آهي جنهن سان اختلاف كرڻ جي كا بہ گنجائش نہ آهي. ڇا كاڻ تہ اهو طريقو كتاب الله ۽ سنت رسول الله تي مبني آهي ان كري غلطين كان بلكل محفوظ آهي. اهو تہ ممكن آهي تہ كن مسئلن جي تحقيق ۾ موصوف جي نظر گهڻين روايتن مان كجهہ روايتن تائين ئي محدود رهي هجي ۽ اهڙي طرح جيكو نتيجو انهن اخذ كيو هجي ان سان اختلاف كيو وڃي ليكن انهن جي طريقي جي سلامتي ۽ درستگيءَ سان اختلاف ۽ ان ۾ شڪ نٿو كري سگهجي انهيءَ كري سندس كتابن مان تقريباً كامل اطمينان سان فائدو حاصل كري سگهجي ٿو ۽ انهن تي مكمل اعتماد بہ كري سگهجي ٿو.

الله تعاليٰ جو وڏو احسان آهي جو محترم اقبال كيلاني صاحب جي هنن تاليف كيل كتابن مان نوجوانن جي هڪ پوري جماعت كي رهنمائي ۽ هدايت حاصل ٿي آهي ۽ اهي سنت رسول ﷺ كي بيان كرڻ وارن هنن كتابن كي پڙهي انتهائي مطمئن ۽ مسرور آهن. الله تعاليٰ انهن جي هن خوشي ۽ سرور كي قيامت جي ڏينهن تائين قائم ۽ باقي ركي ۽ مؤلف ۽ مستفيدين كي جزاءِ خير سان نوازي. آمين

صفي الرحمٰن مبارڪپوري

20 صفر 1421هـ

بخشرائي ڇڏيندو ۽ جنت ۾ داخل ٿي ويندا سون.

غور ڪيو وڃي ته هن قسم جي عقيدي جي نتيجي ۾ شفاعت جو اميدوار هيٺين ڪبيره گناهن جو ڏوهاري ٿئي ٿو.

1 الله تعاليٰ جي لاءِ دنيا جا مثال ڏاهڻ لڳي ٿو. مثال طور اهو سمجهڻ ته دنيا ۾ وڏن آفيسرن تائين پهچڻ ان وقت تائين ممڪن نه آهي جيستائين وسيلو نه هجي انهيءَ ڪري الله تعاليٰ تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ وسيلو ضروري آهي ۽ ائين انسان الله تعاليٰ جي صفتن ۽ قدرتن کي انسان جي صفتن ۽ قدرتن جي برابر سمجهي الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ گستاخي جو ڏوهاري ٿئي ٿو.

2 شفاعت جو اميدوار پاڻ ئي اهو طئي ڪري وٺي ٿو ته فلاڻو بزرگ يا ولي شفاعت جي منصب تي فائز آهي، جڏهن ته انهيءَ ڳالهه جو علم الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن کي به نه آهي ته شفاعت جي اجازت ڪنهن کي ملندي ۽ ڪنهن کي نه ملندي.

3 شفاعت جو اميدوار بخشش ۽ مغفرت جي لاءِ پنهنجي هٿراڌو شفيع تي اهڙي ئي توڪل ڪرڻ لڳي ٿو جهڙي توڪل الله تعاليٰ تي ڪرڻ گهرجي ۽ الله تعاليٰ کان بي پرواهه ٿي وڃي ٿو.

4 نماز، روزا، تلاوت، تهجد ۽ خيرات وغيره ڪري الله کي راضي ڪرڻ جي بجاءِ شفاعت جو اميدوار پنهنجي هٿراڌو (پاڻ ڏاهيل) شفيع جي نالي نذر نياز ۽ قرباني جون باسون باسي انکي راضي ڪرڻ جون ڪوششون ڪري ٿو. جيڪڏهن اهو فوت ٿي وڃي ٿو ته انجي قبر تي چراغان ڪرڻ، گلن جون چادرون چاڙهڻ، عرس ڪرڻ، ڌاڳا ٻڌڻ، غسل ڏيڻ ۽ مجاوري ڪرڻ مان هو ائين سمجهي ٿو ته انکي راضي ڪري هو ضرور انجي سفارش جون مستحق ٿي ويندو.

5 شفاعت جو اميدوار پنهنجي پاڻ ڏاهيل شفيع کي جڏهن آخرت ۾ پنهنجو ڪارساز تسليم ڪري وٺي ٿو ته پوءِ دنياوي معاملات ۾ به ان تي

سمجهي ٿو تہ سمورا ناجائز ۽ حرام ڪم مثال طور، رشوت، وياج، جوا، شراب، زنا، ٻئي جو مال کائڻ، ڏوڪو ۽ فريب وغيره ڪرڻ کان پوءِ سال ۾ هڪڙو ڀيرو "حضرت صاحب" جي آستاني عاليہ تي قيمتي نذرانو پيش ڪرڻ سان گذريل سڀ گناھ معاف ٿي ويندا.

پڙهندڙ حضرات! غور فرمائيندا تہ شفاعت جي غلط عقيدي جو تصور وڪ وڪ تي ماڻهوءَ جي لاءِ ڪهڙي طرح نہ شرڪ اڪبر ۽ گمراهي جا دروازا کولي ٿو ۽ انسان بنا ڪنهن خوف جي ان رستي تي وڌندو هليو وڃي ٿو. شفاعت جو اهوئي تصور آهي تہ جنهن جي باري ۾ قرآن مجيد ۾ بار بار خبردار ڪيو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن اهڙي شفاعت هرگز قبول نہ ڪئي ويندي. انهي سلسلي ۾ ڪجهہ آيتون هيٺ ڏجن ٿيون.

1 ﴿وَاتَّقُوْا يَوْمًا لاَّ تَجْزِىْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْئًا وَّ لاَ يُقْبَلُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّ لاَ تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّ لاَ هُمْ يُنْصَرُوْنَ،﴾ ۽ ڊڄو ان ڏينهن کان جنهن ڏينهن ڪوبہ شخص ڪنهن ٻئي شخص جي ڪم نہ ايندو ۽ نہ ڪنهن جي حق ۾ ڪنهن جي سفارش ڪم ايندي ۽ نہ ئي وري ڪنهن جو فديو قبول ڪيو ويندو ۽ نہ ئي اهي ماڻهو مدد ڪيا ويندا. (سورة البقرة، آيت نمبر 123)

2 ﴿وَ يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَالاَ يَضُرُّهُمْ وَ لَا يَنْفَعُهُمْ وَ يَقُوْلُوْنَ هٰؤُلاَءِ شُفَعٰؤُنَا عِنْدَ اللّٰهِ﴾ ماڻهو الله تعاليٰ کان سواءِ انهن جي عبادت ڪن ٿا جيڪي انهن کي نہ نقصان پهچائي سگهن ٿا ۽ نہ نفعو ۽ چون ٿا تہ هي الله وٽ اسانجا سفارشي آهن. (سورة يونس، آيت نمبر 18)

3 ﴿اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُفَعَآءَ قُلْ اَوَلَوْ كَانُوْا لاَ يَمْلِكُوْنَ شَيْئًا وَّ لاَ يَعْقِلُوْنَ قُلْ لِلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا،﴾ ڇا انهن الله کان سواءِ ڪي ٻيا سفارشي ٺاهي رکيا آهن، چئين تہ اهي ڪنهن ڳالهہ جو اختيار نہ رکندا هجن ۽ نہ ئي وري ڪجهہ سمجهندا هجن. چئين تہ شفاعت جو سمورو اختيار تہ سچي جو سچو الله جي هٿ ۾ آهي. (سورة الزمر، آيت نمبر 43 ۽ 44)

اهو آهي انجام انهيءَ سفارش جو جنهن جو تصور اسان وٽ عام

ڏنو وڃي ٿو. حقيقت اها آهي تہ آخرت ۾ شفاعت جو معاملو وڏوئي نازڪ معاملو آهي. ان کي سمجهڻ ۾ معمولي غلطي بہ هميشہ هميشہ جي لاءِ جنت کان محرومي جو سبب ٿي سگهي ٿي. (العياذبالله) انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ ڪتاب ۽ سنت کان ثابت ٿيل شفاعت جي عقيدي کي چڱي طرح سمجهيو وڃي ۽ ان تي عمل ڪيو وڃي.

شفاعت جي عقيدي جو صحيح اسلامي تصور لکڻ کان اڳ اسان ڪجهہ بحث لکڻ ضروري سمجهون ٿا. اميد آهي تہ انهيءَ بحثن جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ شفاعت جي صحيح عقيدي کي سمجهڻ ان شاء الله نهايت آسان ٿي ويندو.

### 1. الله تعاليٰ جي ذات بي مثال آهي:

الله تعاليٰ پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ هر لحاظ کان اڪيلو، بي مثال ۽ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. انجون صفتون ايتريقدر بي حد ۽ بي حساب آهن جو انهن جو احاطو ڪرڻ، ايتريقدر انهن جو تصور ڪرڻ بہ انسان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. مثال طور الله تعاليٰ جي هڪڙي صفت "عليم" آهي، جنهن جو مطلب آهي هر وقت هر شيءِ جو علم رکڻ وارو. ڪنهن انسان پنهنجي پيدائش کان وٺي موت تائين ڪيترا ساهہ کنيا، هن جي دل ڪيترا دفعا ڌڙڪي، هن جون اکيون ڪيترا ڀيرا ڇنڀيون، هن جي زبان ڪيترا ڀيرا حرڪت ڪئي، هن جي هٿن ڪهڙين ڪهڙين شين کي ڇهيو، هن جا پير ڪٿي ڪٿي پهتا، هن جي دل ۾ ڪيتريون خواهشون پيدا ٿيون، هن جي هٿن ۽ پيرن تي ڪيتريون ليڪون آهن،هن جي جسم تي ڪيترا وار آهن. انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترا ڪوڙ ۽ ڪيترا سچ ڳالهايا. ڪيتريون نمازون پڙهيون ۽ ڪيتريون ڇڏيون. ڪيتري دولت ڪمايائين ۽ ڪهڙي طرح ڪمايائين. ڪيتري خرچ ڪيائين ۽ ڪيتري ڇڏيائين. رات جي اونداهي ۾ ڇا ڇا ڪيائين ۽ ڏينهن جي روشني ۾ ڇا ڇا ڪيائين . مرڻ کان پوءِ اهو

كٿي دفن ٿيو. زمين انجي جسم جا ڪيترا ذرات ختم ڪيا ۽ ڪيترا باقي رکيا. مرڻ کان پوءِ انجو اعمال نامون ڪٿي محفوظ رهيو ۽ اهڙيون ٻيون معلومات ۽ سمورا تفصيل الله تعاليٰ جي ذاتي علم ۾ آهن. اهو معاملو ڪنهن هڪ انسان جو نہ آهي پر روز ازل کان وٺي روز ابد تائين پيدا ٿيڻ وارن سمورن انسانن جو آهي.

انسانن کان سواءِ جنن ملائڪن جي باري ۾ بہ اهڙن ئي تفصيلن جو قياس ڪرڻ ۽ ان کان علاوه ٻي سموري بري، بحري ۽ فضائي مخلوق جو پڻ تصور ڪريو. جاندار مخلوق کان سواءِ غير جاندار مخلوق پٿر، وڻ، درياهہ، سمنڊ، چنڊ ۽ تارن وغيره مان ڪهڙي مخلوق اهڙي آهي جنهن جا تفصيل الله تعاليٰ جي ذاتي علم ۾ نہ آهن.

حقيقت اها آهي تہ الله تعاليٰ جي فقط هڪڙي صفت ئي ايتريقدر لامحدود آهي جو ان جي تفصيلن جو بيان لکڻ ممڪن ئي نہ آهي. الله تعاليٰ جي هن هڪڙي صفت مان باقي صفتن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو هڪ ارشاد ڪيتريقدر سچ آهي ﴿ قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمَاتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمَاتُ رَبِّيْ وَ لَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴾ اي نبي چئو! جيڪڏهن سمنڊ منهنجي رب جا ڪلمات لکڻ لاءِ مس ٿي وڃن تہ اهي ختم ٿي ويندا پر منهنجي رب (جي صفتن ۽ تعريف) جا ڪلمات ختم نہ ٿيندا. اجان بہ ايتري مس ٻي بہ آڻيو تہ اها بہ پوري نہ ٿيندي.

(سورة الكهف، آيت نمبر 109)

غور ڪندا ! انبياء، اولياء، صالحين ۽ شهيدن مان ڪير اهڙو آهي جيڪو الله تعاليٰ جي لاتعداد صفتن مان ڪنهن هڪڙي صفت ۾ ئي الله تعاليٰ جو مقابلو ڪري سگهي. ذري ۽ آفتاب جي نسبت سان ئي سهي، جيڪڏهن ڪو مقابلو نہ آهي (۽ واقعي نہ آهي) تہ پوءِ الله تعاليٰ جي لاءِ وڏن آفيسرن جي مثالن سان دين سمجهائڻ يا سمجهڻ، الله تعاليٰ جي صفتن ۽ قدرتن جو انڪار نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ انهيءَ ڪري الله تعاليٰ پاڻ قرآن

مجيد ۾ فرمايو آهي ﴿ فَلاَ تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لاَ تَعْلَمُوْنَ ﴾ اي انسانو! الله تعاليٰ جي لاءِ مثال نہ گھڙيو. بيشڪ الله ( هر شيءِ ) ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو. (سورة النحل، آيت نمبر 74)

## 2. الله تعاليٰ سڀني اختيارن جو مالڪ مطلق آهي:

الله تعاليٰ ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ جو خالق ۽ مالڪ آهي. ڪائنات جي هر شيءِ انجي مخلوق ۽ ملڪيت آهي.ملائڪ انبياءَ اولياءَ ۽ صالحن سميت سڀ ان جا محتاج آهن ۽ الله تعاليٰ سڀني جون حاجتون پوريون ڪرڻ وارو آهي. سڀئي الله جا محڪوم (تابع) آهن ۽ الله انهن جو حاڪم آهي. الله تعاليٰ جي اڳيان سڄي مخلوق بي وس ۽ عاجز آهي. الله ڪنهن جي بہ اڳيان بي وس ۽ عاجز نہ آهي. مخلوق کي الله جي پڪڙ ۽ سزا جو خوف آهي. الله تعاليٰ کي ڪنهن جي پڪڙ ۽ سزا جو خوف نہ آهي. الله تعاليٰ مختيار ۽ آزاد آهي. ان کان سواءِ ڪوبہ آزاد ۽ مختيار نہ آهي. قيامت جي ڏينهن شفاعت جي اجازت ڏيڻ جو اختيار بہ الله تعاليٰ وٽ هوندو. ڪنهن کي بہ پاڻ ئي شفاعت ڪرڻ جي جرئت نہ هوندي. اهڙي طرح شفاعت قبول ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو اختيار بہ صرف الله تعاليٰ کي هوندو.

ڪوبہ الله تعاليٰ کان زبردستي پنهنجي شفاعت مڃرائي نہ سگهندو.

قرآن مجيد جون ڪجهہ آيتون ثبوت جي طور تي ڏجن ٿيون:

1 ﴿قُلْ لِلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا﴾ چوءِ تہ سفارش سڄي جي سڄي الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي. (سورة الزمر، آيت نمبر 44)

2 ﴿مَنْ ذَاالَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗ اِلاَّ بِاِذْنِهٖ﴾ ڪير آهي جيڪو انجي اڳيان انجي اجازت کان سواءِ سفارش ڪري سگهي.

(سورة البقرة، آيت نمبر 255)

3 ﴿ وَلاَ يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖ اَحَدًا﴾ ۽ اهو پنهنجي فيصلي ۾ ڪنهن (نبي

يا ولي كي) شريڪ نٿو ڪري. (سورة الڪهف، آيت نمبر 26)

4 ﴿ وَاللّٰهُ يَحْكُمُ لاَ مُعَقِّبَ لِحُكْمِهٖ ﴾ ۽ الله (اڪيلوئي) فيصلو ڪندو آهي. انجي فيصلي تي ڪوبہ نظرثاني ڪرڻ وارو نہ آهي.

(سورة الرعد، آيت نمبر 41)

5 عيسائين الله تعاليٰ سان گڏ حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ انجي ماءُ حضرت مريم عليها السلام کي بہ پنهنجو معبود ٺاهي ڇڏيو هو. جنهن تي الله تعاليٰ سخت ڪاوڙ ۽ غصي جو اظهار ڪندي فرمايو ﴿ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ مِنَ اللّٰهِ شَيْئًا اِنْ اَرَادَ اَنْ يُّهْلِكَ الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَ اُمَّهٗ وَ مَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا﴾ اي نبي! هنن کي چوءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ مسيح ابن مريم ۽ انجي ماءُ کي ۽ سڄي زمين تي رهڻ وارن کي هلاڪ ڪرڻ چاهي تہ ڪنهن کي جرئت آهي جو انکي انهيءَ ارادي کان روڪي سگهي. (سورة المائدة، آيت نمبر 17) آيت جو انداز بيان پاڻ ٻڌائي رهيو آهي تہ خطاب ڪرڻ وارو ڪيتريقدر با اختيار آهي ۽ مخاطب ڪيتريقدر بي اختيار آهن. حضرت عيسيٰ ۽ انجي ماءُ سان "مَنْ فِي الْاَرْضِ" چئي اهو واضح ڪيو ويو آهي تہ الله تعاليٰ سمورن انبيائن، اوليائن، صالحن ۽ شهيدن سميت سموري مخلوق کي ختم ڪرڻ چاهي تہ ڪوبہ انکي روڪڻ وارو يا پڇڻ وارو نہ آهي.

گفتگو جو مطلب اهو ٿيو تہ الله تعاليٰ سمورن اختيارن جو آزاد (۽ اڪيلو) مالڪ آهي . ڪنهن کي بہ معاف ڪرڻ يا نہ ڪرڻ، ڪنهن کي شفاعت جي اجازت ڏيڻ يا نہ ڏيڻ، ڪنهن جي سفارش قبول ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جا سمورا اختيار صرف ۽ صرف الله وٽ آهن. ڪابہ وڏي ۾ وڏي محبوب هستي الله رب العزت جي پرجلال عدالت ۾ پنهنجي مرضيءَ سان سفارش ڪري نہ سگهندي ۽ نہ ئي ڪو ولي الله زبردستي پنهنجي سفارش مڃرائي سگهندو ۽ نہ ئي وري ڪنهن بزرگ هستي کي الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ اهڙو انداز ڪلام اختيار ڪرڻ جي جرئت هوندي تہ مان تہ پنهنجي فلاڻي امتي يا

مريد کي ضرور جنت ۾ وٺي ويندس يا منهنجو فلاڻو پيارو ۽ ڏاڍلو جنت ۾ نہ ويو تہ مان بہ نہ ويندس. يا مان پنهنجي فلاڻي دامن پڪڙيل جي بخشش جو پروانو ضرور وٺندس، وغيره وغيره . (العياذ بالله)

### 3. اذن شفاعت جو مقصد ڇا آهي؟

هن ڪان اڳ اسان لکي آيا آهيون تہ سمورن اختيارن جو مالڪ صرف الله ئي آهي. ڪنهن کي معاف ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو اختيار بہ انهيءَ وٽ آهي. شفاعت قبول ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو اختيار بہ انهيءَ وٽ آهي. ڪنهن کي جنت يا دوزخ ۾ موڪلڻ جو اختيار بہ ان وٽ آهي تہ پوءِ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ شفاعت جو مقصد ڇا آهي؟

شفاعت اصل ۾ قيامت جي ڏينهن انبيائن، صالحن ۽ اولياءن جي لاءِ هڪ اعزاز هوندو جيڪو انهن کي الله رب العزت جي طرف کان عطا ڪيو ويندو. جن گنهگارن کي الله ڪريم معاف ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪو هوندو. انهن کي پاڻ ئي جنت ۾ وٺي وڃڻ جي بجاءِ پنهنجي پيارن ۽ مقرب ٻانهن کي هي اعزاز عطا فرمائيندو تہ اهي انهن جي لاءِ سفارش ڪن ۽ انهن کي دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ وٺي وڃن.

قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب شروع ڪرڻ جو وقت الله تعاليٰ مقرر ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي اڳتي پوئتي ڪرڻ ڪنهن جي اختيار ۾ نہ آهي. انهيءَ هوندي بہ مقرر وقت تي حساب ڪتاب شروع ڪرڻ جي لاءِ رسول اڪرم ﷺ کي شفاعت (ڪبريٰ) جو موقعو عطا ڪيو ويندو. جنهن جو مقصد زمين ۽ آسمان جي سڄي مخلوقات مان سڀ کان وڌيڪ محترم، سڀ کان وڌيڪ مڪرم، سڀ کان وڌيڪ معزز ۽ سڀ کان وڌيڪ برگزيده هستي .....حضرت محمد ﷺ .....کي شفاعت جو سڀ کان وڏو اعزاز ( مقام محمود ) عطا ڪرڻ هوندو. انهيءَ ڪري پاڻ ﷺ جي شفاعت ڪبريٰ جي نتيجي ۾ ئي حساب ڪتاب جي شروعات ڪئي ويندي. اهڙي ئي صورتحال

بين شفاعتن جي بہ هوندي. انبيائن، اوليائن ۽ صالحن کي انهن جي پنهنجي پنهنجي مقام ۽ مرتبي جي مطابق شفاعت جا موقعا عطا ڪري ماڻهن جي سامهون انهن جي عزت افزائي ڪئي ويندي ۽ هن ڳالهہ جو قدر ڪيو ويندو تہ دنيا ۾ انهن پنهنجي رب جي رضا جي مطابق زندگي بسر ڪئي هئي.

انهيءَ ڪري اذن يا شفاعت جو مقصد الله تعاليٰ جي فيصلن کي بدلائڻ نہ پر انبيائن ۽ اوليائن کي اعزاز عطا ڪرڻ آهي. جن جن اوليائن ۽ صالحن جي الله تعاليٰ عزت افزائي ڪرڻ چاهيندو، انهن کي شفاعت جي اجازت عطا فرمائيندو ۽ شفاعت ڪرڻ وارا پنهنجي مرضيءَ سان نہ بلڪ الله جل شانہ جي مرضيءَ جي عين مطابق صرف انهن گنهگارن جي لاءِ سفارش ڪندا جن جي لاءِ الله تعاليٰ اجازت ڏيندو. يعني هي الله تعاليٰ جو انعام ۽ اعزاز هوندو جنهن سان اهو قيامت جي ڏينهن پنهنجي پيارن ۽ مقرب ٻانهن کي نوازيندو.

## 4. اذن شفاعت جو مستحق ڪير هوندو ؟

قيامت جي ڏينهن اذن يا شفاعت ڪنهن کي ملندو ؟ اهو سوال تمام اهم آهي. گهڻن ئي ماڻهن دنيا ۾ پاڻ ئي پنهنجا سفارشي مقرر ڪري ڇڏيا آهن تہ فلاڻو الله جو ولي يا بزرگ قيامت جي ڏينهن اسان جو سفارشي هوندو ۽ اسان کي الله تعاليٰ کان بخشرائي ڇڏيندو. ڇا دنيا ۾ پاڻ ڪنهن ولي يا بزرگ کي پنهنجو سفارشي مقرر ڪرڻ قيامت جي ڏينهن (اسانجي) ڪنهن ڪم ايندو يا نہ ؟ هي اهو سوال آهي جنهن جو جواب اسان ڪتاب ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ تلاش ڪرڻ چاهيون ٿا.

رسول اڪرم ﷺ جي ارشاد جي مطابق انبياء ملائڪ ۽ ايمان وارا سفارش ڪندا (مسلم). جيتريقدر انبيائن ۽ ملائڪن جو تعلق آهي تہ اهو معاملو تہ بلڪل چٽو آهي تہ سمورا انبياءَ پنهنجي پنهنجي امت جي گنهگار

ماڻهن جي لاءِ سفارش ڪندا ۽ ملائڪن مان الله تعاليٰ جنهن کي چاهيندو اذن شفاعت عطا ڪندو. مومن يعني اوليائن، صالحن، عالمن ۽ شهيدن مان ڪنهن کي ڪنهن کي شفاعت جي اجازت ملندي ۽ ڪنهن کي نه ملندي؟ ان جو دارومدار هن ڳالهه تي آهي ته ڪير واقعي الله جي نزديڪ ولي آهي. ڪير واقعي الله جي نزديڪ صالح آهي. ڪير واقعي الله جي نزديڪ عالم آهي ۽ ڪير واقعي الله جي نزديڪ شهيد آهي؟

حديث شريف مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪي ماڻهو جيڪي دنيا وارن جي نظر ۾ وليءَ عالم ۽ شهيد آهن، قيامت جي ڏينهن اهي منهن ڀر گهلي دوزخ ۾ وڌا ويندا. جيئن هڪ حديث سڳوري ۾ آهي:

پاڻ ﷺ جو ارشاد مبارڪ آهي، "قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريائين هڪ شهيد کي آندو ويندو. الله تعاليٰ ان کي پنهنجون نعمتون ڳڻائيندو ۽ شهيد انهن نعمتن جو اقرار ڪندو. الله تعاليٰ ان کان پڇندو ته تو انهن نعمتن جو حق ادا ڪرڻ لاءِ ڪهڙو عمل ڪيو؟" اهو چوندو، " مون تنهنجي راهه ۾ جنگ ڪئي ايستائين جو شهيد ٿي ويس. الله تعاليٰ ارشاد فرمائيندو، "تو ڪوڙ ڳالهايو، تو بهادر سڏرائڻ لاءِ جنگ ڪئي سو دنيا تو کي بهادر سڏيو". پوءِ (ملائڪن کي) حڪم ٿيندو ۽ ان کي منهن ڀر گهلي دوزخ ۾ وڌو ويندو. ان کان پوءِ هڪ ماڻهو آندو ويندو جنهن پاڻ به علم سکيو ۽ ٻين کي به سيکاريائين ۽ قرآن پڙهيائين. الله تعاليٰ ان کي پنهنجون نعمتون ياد ڏياريندو ۽ اهو (عالم) انهن جو اقرار ڪندو. تڏهن الله تعاليٰ ان کان پڇندو "انهن نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ تو ڪهڙو عمل ڪيو؟" هو عرض ڪندو "اي الله! مون علم سکيو، ماڻهن کي سيکاريو ۽ تنهنجي لاءِ ماڻهن کي قرآن پڙهي ٻڌايم."الله تعاليٰ ارشاد فرمائيندو، "تو ڪوڙ ڳالهايو آهي، تو علم انهيءَ ڪري سکيو ته جيئن ماڻهو توکي عالم چون ۽ قرآن انهيءَ ڪري پڙهي ٻڌايو ته ماڻهو توکي قاري چون. سو دنيا توکي عالم ۽ قاري سڏيو. پوءِ (ملائڪن کي) حڪم ٿيندو ۽ ان کي منهن ڀر گهلي دوزخ

۾ وڌو ويندو. ان کان پوءِ ٽئين ماڻهو کي آندو ويندو جنهن کي دنيا ۾ خوشحالي ۽ هر طرح جي دولت سان نوازيو ويو هوندو. الله تعاليٰ ان کي پنهنجون نعمتون جتائيندو ۽ اهو شخص انهن نعمتن جو اقرار ڪندو. پوءِ الله تعاليٰ سوال ڪندس "منهنجن نعمتن جو حق ادا ڪرڻ لاءِ تو ڇا ڪيو؟" هو چوندو "اي الله! مون تنهنجي راهه ۾ انهن سڀني جاين تي خرچ ڪيو جتي توکي پسند هئو." الله تعاليٰ ارشاد فرمائيندو. "تو ڪوڙ ڳالهايو. تو صرف انهيءَ لاءِ مال خرچ ڪيو تہ جيئن ماڻهو توکي سخي سڏين ۽ دنيا وارن توکي سخي سڏيو." پوءِ (ملائڪن کي) حڪم ڏيندو ۽ ان کي منهن ڀر گهلي دوزخ ۾ وڌو ويندو. (مسلم)

ڇا اهڙي شهيد کي شفاعت جو اذن ملندو؟ ڇا اهڙي عالم کي شفاعت جو اذن ملندو؟ ڇا اهڙي سخي کي شفاعت جو اذن ملندو؟.. هرگز نہ!

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم ﷺ فرمايو هڪ ماڻهو مدت تائين جنتين وارو ڪم ڪندو رهي ٿو پر ان جو خاتمو دوزخ واري ڪم تي ٿئي ٿو ۽ هڪ ماڻهو مدت تائين دوزخين وارو ڪم ڪندو رهي ٿو پر ان جو خاتمو جنتين واري ڪم تي ٿئي ٿو. (مسلم)

مٿين ٻنهي حديثن سڳورين تي غور ڪرڻ سان هيءَ ڳالهہ چٽيءَ طرح ثابت ٿئي ٿي تہ ڪنهن شخص جي باري ۾ ماڻهن جو پاڻ ئي اهو طئي ڪرڻ تہ فلاڻو واقعي الله جي نزديڪ برگزيده آهي. انهيءَ ڪري اهو طئي ڪرڻ بہ صحيح نہ آهي تہ ايمان وارن مان ڪنهن کي شفاعت جو اذن ملندو ۽ ڪنهن کي نہ ملندو؟

سڄي بحث جو نتيجو اهو نڪتو تہ هن ڳالهہ جو علم الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن کي بہ نہ آهي تہ وليءَ جي درجي تي ڪير پهتل آهي ۽ عالم يا شهيد جو درجو ڪنهن کي حاصل آهي. اهڙي طرح هن ڳالهہ جو علم بہ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن کي بہ نہ آهي تہ قيامت جي ڏينهن شفاعت جو اذن

ڪنهن کي ملندو ۽ ڪنهن کي نه ملندو؟

اهو ڄاڻڻ کان سواءِ ته شفاعت جو اذن ڪنهن کي ملندو، ڪنهن کي پنهنجو سفارشي مقرر ڪرڻ انتهائي بيڪار فعل آهي. غور ته ڪريو! دنيا ۾ ته ڪوبه ماڻهو ڪنهن اهڙي وزير يا مشير کي حاڪم اعليٰ جي اڳيان پنهنجو سفارشي ناهڻ لاءِ ڪڏهن به تيار نٿو ٿئي. جنهن جو پنهنجو معاملو عدالت ۾ هلندڙ هجي. اها ٻي ڳالهه آهي ته عدالت ان کي باعزت ڇڏي ڏئي. ليڪن آخرت جي معاملي ۾ اهڙن ماڻهن کي سفارشي ناهڻ ڪهڙي عقلمندي آهي جن جو پنهنجو معاملو عدالت ۾ هلندڙ هجي؟

## 5 شفاعت ۽ وسيلو

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ مسلمانن کي نجات جي لاءِ وسيلو وٺڻ جو حڪم ڏنو آهي. ارشاد مبارڪ آهي:﴿يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللَّهَ وَابْتَغُوا إِلَيْهِ الْوَسِيلَةَ وَجَاهِدُوا فِي سَبِيلِهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ﴾ (اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ ان ڏانهن وسيلو تلاش ڪريو ۽ ان جي راهه ۾ جهاد ڪريو. اميد آهي ته توهان ڪامياب ٿي ويندو. (سورة مائده، آيت نمبر 35)

هن آيت سڳوري ۾ الله تعاليٰ نجات جي لاءِ ٽن ڳالهين جو حڪم ڏنو آهي. پهريون: تقويٰ اختيار ڪرڻ. ٻيون: وسيلو تلاش ڪرڻ ۽ ٽيون: الله جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ. تقويٰ ۽ جهاد جون اصطلاحون چٽيون ۽ واضح آهن البت وسيلي جي باري ۾ ماڻهن اختلاف ڪيو آهي. ڪي ماڻهو چون ٿا ته هتي وسيلي جو مطلب اوليائن، صالحن ۽ شهيدن جو وسيلو آهي جيڪي قيامت جي ڏينهن اسان جي سفارش ڪندا ۽ شفاعت ڪندا. پنهنجي هن موقف جي باري ۾ اهي عام طور هيٺيان دليل پيش ڪن ٿا.

1 جڏهن حضرت آدم عليه السلام کان خطا ٿي ته عرض ڪيائين، "اي الله! مان توکان محمد ﷺ جي حق جي وسيلي سان سوال ڪريان ٿو ته مون کي معاف ڪر." الله تعاليٰ فرمايو، "تو محمد (ﷺ) کي ڪيئن سڃاتو؟" حضرت آدم عليه السلام عرض ڪيو، "جڏهن تو مون کي پنهنجي هٿن سان ناهيو ۽ مون ۾

پنهنجو روح وڌو ته مون پنهنجو مٿو مٿي کنيو ته عرش جي پاون تي لکيل ڏٺم. "لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللّٰهِ " ان مان مون کي پتو پئجي ويو ته تو پنهنجي نالي سان گڏ انهيءَ نالي کي ترجيح ڏني آهي جيڪو سموري مخلوقات ۾ توکي وڌيڪ محبوب (پيارو) آهي". الله تعاليٰ فرمايو. "اي آدم! تو سچ چيو آهي جيڪڏهن محمد نه هجي ها ته مان توکي به پيدا نه ڪريان ها". (حاڪم)

2 هڪ نابينا شخص رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته منهنجي لاءِ دعا فرمايو ته الله مون کي نظر عطا ڪري. پاڻ ﷺ ارشاد فرمايو. "جيڪڏهن تون چاهين ته صبر ڪر (۽ ثواب وٺ) ۽ چاهين ته مان تنهنجي لاءِ دعا ڪريان". هن عرض ڪيو "دعا ڪريو". پاڻ ﷺ فرمايو. "وضوءِ ڪري ٻه رڪعتون نماز پڙهه ۽ هي دعا گهر" اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ وَ اَتَوَجَّهُ اِلَيْكَ بِنَبِيِّكَ مُحَمَّدٍ نَبِيِّ الرَّحْمَةِ اِنِّيْ تَوَجَّهْتُ بِكَ اِلٰى رَبِّيْ فِيْ حَاجَتِيْ هٰذِهٖ لِتُقْضٰى لِيْ اَللّٰهُمَّ فَشَفِّعْهُ لِيْ" (اي الله! مان توکان سوال ڪريان ٿو ۽ تنهنجي مهربان نبيءَ ﷺ جي واسطي سان توڏانهن متوجه ٿيان ٿو) پوءِ مون توجه ڪيو هن حاجت ۾ نبيءَ ﷺ جي ذريعي پنهنجي رب ڏانهن ته جيئن (منهنجي حاجت) پوري ڪئي وڃي. اي الله! منهنجي حق ۾ محمد ﷺ جي شفاعت (يا دعا) قبول فرماءِ". (ترمذي) (1)

3 حضرت عمر ؓ جي زماني ۾ قحط (ڏڪار) پيو ته پاڻ، حضرت عباس بن عبدالمطلب ؓ جي وسيلي سان بارش جي دعا گهريائون ۽ فرمايائون. "اَللّٰهُمَّ اِنَّا كُنَّا نَتَوَسَّلُ اِلَيْكَ بِنَبِيِّنَا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَتَسْقِيْنَا وَ اِنَّا نَتَوَسَّلُ اِلَيْكَ بِعَمِّ نَبِيِّنَا فَاسْقِنَا " (اي الله! اسان اڳ ۾ تنهنجي نبي ﷺ جو وسيلو تو وٽ آڻيندا هئاسون ۽ تون اسان تي بارش وسائيندو هئين. هاڻي اسان پنهنجي نبيءَ جي چاچي جو وسيلو تو وٽ کڻي آيا آهيون پوءِ (تون) اسان تي بارش وساءِ " ۽ ان کان پوءِ بارش ٿي. (بخاري) (2)

---

1. ابواب الدعوات ، احاديث شتى من ابواب الدعوات
2. ابواب الاستسقاء ، باب سوال الناس الامام الاستسقاء اذا قحطوا

قرآن مجيد جي مٿي ذڪر ڪيل آيت ۽ حديث شريف جي ذڪر ڪيل واقعن کان سواءِ ڪي عقلي دليل بہ وسيلي جي حق ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا. مثال طور حاڪم اعليٰ تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ وسيلي جي ضرورت وغيره. جنهن کي اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون. هاڻي سوال اهو آهي تہ ڇا واقعي قرآن مجيد جي آيت ۾ "وسيلي" مان مراد فوت ٿيل يا غيرموجود اوليائن، صالحن ۽ بزرگن جو وسيلو آهي يا ڪو ٻيو معاملو آهي؟ اچو تہ ڳذريل صفحن ۾ وسيلي جي حق ۾ ڏنل دليلن جو ڪتاب ۽ سنت جي روشني ۾ جائزو وٺون.

جيستائين پهرين روايت جو تعلق آهي تہ ان جي موضوع هجڻ تي سڀني محدثن جو اتفاق آهي (2) انهيءَ ڪري ان تي بحث جي ضرورت نہ آهي، البتہ باقي ٻئي واقعا صحيح آهن. نابينا صحابي جو واقعو ترمذي، نسائي، ابن ماجہ، مسند احمد ۽ بيهقي ۾ موجود آهي. اسان ذڪر ڪيل حديث جا الفاظ شيخ الباني رحمة الله جي صحيح سنن ترمذي مان ورتا آهن. واقعي جي حقيقت اها آهي تہ هڪ نابينو صحابي رسول اڪرم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ، "دعا فرمايو تہ الله ڪريم مون کي نظر عطا فرمائي." پاڻ ﷺ خود بہ ان جي لاءِ دعا فرمائي ۽ ان کي بہ نصيحت ڪيائون تہ الله جي اڳيان وڃي هيئن دعا گهر تہ "اي الله! مان نبي ﷺ (جي دعا) جي واسطي سان پنهنجي رب ڏانهن متوجہ ٿيو آهيان (يعني مون پنهنجي رب جي اڳيان نبيءَ ﷺ کان دعا ڪرائي آهي) پوءِ اي الله! تون نبي اڪرم ﷺ جي دعا منهنجي حق ۾ قبول فرماءِ" اهڙي طرح نبي اڪرم ﷺ ۽ نابينا صحابي جي دعائن جي نتيجي ۾ الله تعاليٰ نابينا صحابي جي بينائي ( نظر ) واپس ڪئي.

ٻيو واقعو اهو آهي تہ حضرت عمر ﷺ جي خلافت جي زماني ۾ قحط (ڏڪر) پيو تہ حضرت عمر ﷺ نبي اڪرم ﷺ جي چاچي حضرت عباس ﷺ کان بارش جي لاءِ دعا ڪرائي ۽ پاڻ بہ هيءَ دعا گهري، "اي الله!

2. تفصيل لاءِ ڏسو "الوسيلہ" شيخ الاسلام ابن تيميہ رحمة الله عليہ

پهرياڻين اسان نبي اڪرم ﷺ جي وسيلي سان دعا گهرندا هئاسون ۽ تون بارش وسائيندو هئين. هاڻي اسان نبي ﷺ جي چاچي جي وسيلي سان دعا گهري رهيا آهيون. پوءِ تون اسان تي بارش وساءِ". فتح الباري ۾ امام ابن حجر رحمة الله عليه حضرت عباس رضي الله عنه جي دعا جا الفاظ به نقل ڪيا آهي. جيڪي هي آهن. "اي الله! هي گنهگار هٿ تنهنجي بارگاهه ۾ ڪنيل آهن ۽ اسان جون پيشانيون توبه جي لاءِ توڏانهن جهڪيل آهن. اي الله! اسان تي بارش وساءِ" انهيءَ ڪري حضرت عمر رضي الله عنه ۽ حضرت عباس رضي الله عنه جي دعائن جي نتيجي ۾ الله تعاليٰ بارش وسائي.

ٻنهي واقعن مان جيڪي نتيجا نڪرن ٿا اهي هي آهن:

1 ڪنهن مصيبت ۽ مشڪل جي وقت پاڻ مان ڪنهن زنده ۽ موجود متقي، نيڪ ۽ قابل احترام شخصيت کي دعا جي لاءِ وسيلو ٺاهڻ جائز آهي.

2 مصيبت ۽ مشڪل جي وقت پاڻ به دعا گهرڻ ضروري آهي جيئن رسول اڪرم ﷺ نابينا صحابي کي نصيحت فرمائي يا ٻئي واقعي ۾ حضرت عمر رضي الله عنه پهرياڻين پاڻ دعا گهري ۽ پوءِ حضرت عباس رضي الله عنه کي دعا گهرڻ جي درخواست ڪئي.

3 ٻنهي ڳالهه هنن واقعن مان هيءَ ٿي ثابت ٿئي ته غير موجود يا فوت ٿيل بزرگن کي وسيلو ٺاهڻ جائز نه آهي. جيڪڏهن جائز هجي ها ته حضرت عمر رضي الله عنه ، حضرت عباس رضي الله عنه کي وسيلو ٺاهڻ جي بدران خود نبي اڪرم ﷺ جي قبر مبارڪ تي حاضر ٿين ها ۽ انهن کي وسيلو ٺاهين ها جيڪي بنا ڪنهن شڪ جي حضرت عباس رضي الله عنه کان اعليٰ ۽ افضل هئا.

انهي ڪري مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي واقعن مان غير موجود يا فوت ٿيل شخصيتن وغيره جو وسيلو وٺڻ قطعي ثابت نٿو ٿئي مگر زنده بزرگن جي دعا کي وسيلو ٺاهڻ جو جواز ثابت ٿئي ٿو.

غير حاضر ۽ فوت ٿيل انبيائن، اوليائن ۽ صالحن کي وسيلو نه ٺاهڻ جي موقف جي تائيد هيٺ ڏنل دليلن مان به ٿئي ٿي:

1 رسول اڪرم ﷺ پنهنجي پوري حيات طيبه ۾ ڪنهن به موقعي تي حضرت ابراهيم عليه السلام،حضرت موسيٰ عليه السلام، حضرت عيسيٰ عليه السلام يا ڪنهن ٻئي جليل القدر پيغمبر کي پنهنجي دعائن ۾ وسيلو نه ٺاهيو آهي.

2 عهد صحابه ۾ ڪنهن صحابي جو رسول اڪرم ﷺ کي پنهنجي دعائن ۾ وسيلو ٺاهڻ ثابت نه آهي ۽ نه ئي ڪنهن صحابي جو رسول اڪرم ﷺجي قبر مبارڪ تي حاضر ٿي پاڻ ﷺ کان دعا ڪرائڻ ثابت آهي.

3 عهد صحابه رضي الله عنهم کان پوءِ عهد تابعين جي طرز عمل جو اندازو هيٺئين واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو. حضرت امام ابو حنيفه رحمة الله عليه هڪ ماڻهوءَ کي قبرستان ۾ هيئن چوندي ٻڌو. "اي قبر وارو! ڇا توهان کي خبرآهي نه مان ڪيترن مهينن کان توهان وٽ اچان ٿو. مان توهان وٽ دعا ڪرائڻ جي درخواست کڻي آيو آهيان. ڇا توهان منهنجي حال کان واقف آهيو يا اڻ ڄاڻ؟" امام موصوف هن جي ڳالهه ٻڌي ان کان پڇيو. "ڇا انهن تنهنجي ڳالهه جو ڪو جواب ڏنو آهي؟" ماڻهوءَ چيو. "نه" تڏهن امام صاحب فرمايو. "سُحْقًا لَكَ وَ تَرِبَتْ يَدَاكَ كَيْفَ تُكَلِّمُ اَجْسَادًا لاَ يَسْتَطِيْعُوْنَ جَوَابًا وَ لاَ يَمْلِكُوْنَ شَيْئًا وَ لَا يَسْمَعُوْنَ صَوْتًا." ڦٽڪار تنهنجي مٿان، تنهنجا هٿ خاڪ آلود هجن. تون انهن جسمن سان ڇو هم ڪلام آهين جيڪي نه جواب ڏيڻ جي طاقت رکن ٿا ۽ نه ڪنهن شيءِ جا مالڪ آهن ۽ نه ڪنهن جو آواز ٻڌن ٿا؟ پوءِ امام صاحب هيءَ آيت تلاوت ڪئي. ﴿ وَمَا اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِي الْقُبُوْرِ﴾ اي نبي! تون انهن کي (پنهنجي ڳالهه) نٿو ٻڌائي سگهين جيڪي قبرن ۾ پيل آهن. (سورة فاطر، آيت نمبر 22)(1) هن واقعي مان هي ڳالهه ظاهر آهي ته عهد تابعين ۾ به فوت ٿي ويل بزرگن کي شفاعت جي لاءِ وسيلو ٺاهڻ ممنوع ۽ ناجائز سمجهيو ويندو هو.

هن گفتگو جو نتيجو اهو ثابت ٿيو ته قرآن مجيد جي آيت سڳوري ۾ جنهن وسيلي کي تلاش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ان جو مطلب غير حاضر يا فوت ٿي ويل اولياءَ وغيره نه بلڪل نه آهن.

1. احسن البيان، صفحه نمبر 847

هاڻي اسان ڪتاب ۽ سنت جي روشني ۾ واضح ڪرڻ ٿا چاهيون تہ وسيلي جو مطلب ڇا آهي؟ قرآن مجيد جون ڪجهہ آيتون هيٺ ڏجن ٿيون.

1 ارشاد باري تعاليٰ آهي: ﴿وَالَّذِيْنَ آمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰئِكَ اَصْحَابُ الْجَنَّةِ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ﴾ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا اهي ماڻهو جنت ۾ ويندا. جتي اهي هميشہ رهندا. (سورة البقرة، آيت نمبر 82)

2 ﴿اِنَّ الَّذِيْنَ آمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْا اِلٰى رَبِّهِمْ اُولٰئِكَ اَصْحَابُ الْجَنَّةِ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ﴾ بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽نيڪ عمل ڪيا ۽ پنهنجي رب جي آڏو عاجزي اختيار ڪئي. اهي ماڻهو جنتي آهن. ان ۾ هميشہ رهندا. (سورة هود، آيت نمبر 23)

3 ﴿اِنَّ الَّذِيْنَ آمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا﴾ بيشڪ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيائون.انهن جي لاءِ جنت الفردوس جي مهماني هوندي. (سورة الڪهف، آيت نمبر 107)

4 ﴿فَالَّذِيْنَ آمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ﴾ پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا انهن جي لاءِ بخشش آهي ۽ عزت واري روزي. (سورة الحج، آيت نمبر 50)

5 ﴿ اِنَّ الَّذِيْنَ آمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتُ النَّعِيْمِ﴾ بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيائون. انهن جي لاءِ نعمتن سان ڀريل جنت آهي. (سورة لقمان، آيت نمبر 8)

قرآن مجيد ۾ هن مضمون جون ٻنا ڪنهن مبالغي جي سوين آيتون آهن. جن ۾ جنت ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ صرف ٻن شين جو ذڪر مليو ٿو. ايمان ۽ عمل صالح. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهوئي اهو "وسيلو" آهي جنهن کي الله تعاليٰ تلاش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. سنت پاڪ جي هيٺين واقعن مان بہ اهو واضح ٿئي ٿو.

هڪ ماڻهو پاڻ ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين "اي الله جا رسول ﷺ! مون کي ڪو اهڙو عمل ٻڌايو. جيڪو ڪريان تہ جنت ۾

داخل ٿي وڃان" رسول الله ﷺ فرمايائون، "الله جي عبادت ڪر ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪر. فرض نماز قائم ڪر. زڪوات ادا ڪر ۽ رمضان جا روزا رک." هن ماڻهوءَ چيو، "قسم آهي ان ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، مان ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ ڪندس". جڏهن هو موٽيو تہ پاڻ ﷺ ارشاد فرمايو. "جيڪو ڪنهن جيڙي جنتي کي ڏسي خوش ٿيڻ چاهي اهو هن کي ڏسي وٺي". (بخاري ، ڪتاب زڪواة)

هڪ ماڻهوءَ پاڻ ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڏاچيءَ جي مهار پڪڙي ۽ عرض ڪيو، "اي الله جا رسول ﷺ مون کي اها ڳالهہ (عمل) ٻڌايو جيڪا مون کي جنت جي ويجهو ۽ دوزخ کان پري ڪري". پاڻ ﷺ ارشاد فرمايو، "الله جي عبادت ڪر ۽ ڪنهن کي بہ ان جو شريڪ نہ ڪر. نماز قائم ڪر. زڪوات ادا ڪر ۽ صلہ رحمي ڪر". (مسلم، ڪتاب الايمان)

ڪتاب ۽ سنت جي مٿي ذڪر ڪيل دليلن مان اها ڳالهہ واضح آهي تہ قرآن مجيد جنهن وسيلي تلاش ڪرڻ جو حڪم ڏني ٿو اهو اصل ۾ ايمان ۽ نيڪ عملن جو وسيلو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن رسول اڪرم ﷺ جي شفاعت ۽ آخرڪار نجات جو ذريعو ٿيندو.

پڙهندڙ حضرات! مٿي ذڪر ڪيل پنج ڳالهيون تحرير ڪرڻ کان پوءِ هاڻي اسان پنهنجي اصل موضوع " شفاعت جي اسلامي عقيدي" ڏانهن واپس ٿا اچون. اسان کي اميد آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل دليلن جي روشنيءَ ۾ شفاعت جي اسلامي عقيدي کي سمجهڻ هاڻي تمام آسان ٿي ويو ويندو.

ان شاءَ الله!

شفاعت جو تفصيل پاڻ ﷺ هڪ حديث ۾ بيان فرمايو آهي. شفاعت جي صحيح اسلامي عقيدي جي جيتري وضاحت پاڻ ﷺ جي بيان ڪيل حديث مان ٿئي ٿي اوتري ڪنهن ٻئي طريقي سان ممڪن ڪونه آهي. انهيءَ ڪري اسان شفاعت جي اسلامي تصور جي وضاحت پاڻ ﷺ جي بيان ڪيل حديث سان ٿي ڪري رهيا آهيون.

حضرت ابوهريره ﷛ روايت ڪن ٿا ته رسول اڪرم ﷺ فرمايو. "قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ اڳين ۽ پوين سڀني انسانن کي هڪ هموار ميدان تي جمع ڪندو. جتي سڄ وارو انهن کي آسانيءَ سان سڏي سگهي ۽ ڏسڻ وارو آسانيءَ سان ڏسي سگهي. سج ويجهو اچي ويندو. جنهن جي ڪري پريشاني ۽ تڪليف برداشت کان ٻاهر ٿي ويندي. ماڻهو پاڻ ۾ چوندا ڏسو ته ڪهڙو نه سخت وقت اچي ويو آهي. ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي تلاش ڪريو جيڪو توهان جي رب جي اڳيان سفارش ڪري سگهي (ته جيئن حساب ڪتاب شروع ٿئي) گڏيل مشوري کان پوءِ ماڻهو چوندا ته اسان کي حضرت آدم ﷺ وٽ وڃڻ گهرجي. ماڻهو آدم ﷺ وٽ ايندا ۽ عرض ڪندا. "توهان ابوالبشر آهيو. الله تعالىٰ توهان کي پنهنجي هٿ سان ٺاهيو ۽ پنهنجو روح ڦوڪيائين. ملائڪن کي حڪم ڏنائين. انهن توهان کي سجدو ڪيو. توهان اچ پنهنجي رب جي اڳيان اسان جي سفارش ڪريو. توهان ڏسو ٿا ته اڄ اسان ڪهڙي مصيبت ۾ آهيون". حضرت آدم ﷺ چوندو. "اڄ پنهنجو رب ايتريقدر ڪاوڙ ۾ آهي جو هن کان اڳ ۾ نه ڪڏهن هو نه ان کان پوءِ ٿيندو. مون کي الله تعالىٰ (جنت ۾) وڻ جي ويجهو وڃڻ کان منع ڪئي هئي ليڪن مان نافرماني ڪري ويٺس. انهيءَ ڪري مون کي پنهنجي جان جو فڪر آهي. (اي الله) مون کي معاف ڪر. (اي الله) مون کي معاف ڪر. توهان ماڻهو ڪنهن ٻئي وٽ وڃو. نوح ﷺ وٽ وڃو." ماڻهو نوح ﷺ وٽ ايندا ۽ عرض ڪندا. "اي نوح! توهان زمين وارن ڏانهن پهريون رسول هئين. الله تعالىٰ (قرآن مجيد ۾) توکي شڪر گذار ٻانهو سڏيو آهي. پنهنجي رب جي

(ان جي مطابق) ماڻهن کي دوزخ مان ڪڍندس ۽ جنت ۾ وٺي ويندس. اهڙي طرح ٽي يا چار دفعا ٿيندو. (راوي چوي ٿو) مون کي ياد نہ آهي تہ ٽئين يا چوٿين دفعي سفارش کان پوءِ رسول الله ﷺ فرمائيندا. "اي الله! هاڻي تہ دوزخ ۾ ڪو موحد (توحيد پرست) باقي نہ رهيو آهي سواءِ انهن جي جن کي قرآن روڪي ڇڏيو آهي. يعني جن کي قرآن جي حڪم جي مطابق هميشہ هميشہ جي لاءِ دوزخ ۾ رهڻو آهي". (بخاري ۽ مسلم)

حديث شفاعت مان جيڪي ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون اهي هي آهن:

1 قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ايتري قدر غضبناڪ هوندو جو وڏي جليل القدر ۽ اُولُو العزم انبياءِ ڪرام کي بہ الله تعاليٰ جي آڏو سفارش ڪرڻ جي جرئت نہ ٿيندي. سڀ جا سڀ انبياءِ ڪرام الله تعاليٰ جي پڪڙ ۽گرفت کان ايتريقدر خوفزده ۽ ڪنبندا هوندا جو پنهنجي جان جي امان طلب ڪري رهيا هوندا. جتي انبياءِ ڪرام جو اهو حال هوندو اتي امت جي عام اوليائن، صالحن ۽ شهيدن وغيره جو جيڪو حال هوندو اهو بيان جو محتاج نہ آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪو اهو سمجهي ويهي تہ شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه اڳتي وڌي منهنجي سفارش ڪندو يا شيخ معين الدين چشتي رحمة الله عليه منهنجي مدد جي لاءِ ايندو يا خواجہ غريب نواز رحمة الله عليه مون کي الله جي پڪڙ کان بچائيندو يا سيد علي هجويري رحمة الله عليه منهنجي دادرسي ڪندو يا قلندر ۽ پناٿي رحمة الله عليه مون کي الله جي پڪڙ کان ڇڏائيندو تن جو مثال بلڪل اهڙو آهي جيئن ڪنهن وڏي حاڪم جو ننڍڙو ملازم پنهنجي حاڪم جي خوف کان ڏڪي رهيو هجي ۽ ان کي پنهنجي جان جو فڪر هجي ۽ ڪو حاجتمند اچي ان ننڍڙي ملازم جي اڳيان هٿ ٻڌي بيهي ۽ چوي تہ سائين توهان ئي منهنجا حمايتي ۽ مددگار آهيو. غور تہ ڪريو تہ ڇا اهڙي صورتحال ۾ اهو ننڍڙو ملازم ڇا واقعي ان حاجتمند جو سفارشي ٿي ويندو يا ان جي ڪا حمايت ڪري سگهندو. ظاهر آهي تہ ائين ڪرڻ ان ملازم جي وس جي ڳالهہ نہ هوندي. مگر ائين سمجهڻ

۽ ڪرڻ سان حاجتمند پنهنجي ناڪامي ۽ نامرادي جو پورو پورو بندوبست ڪري وٺندو.

2 ٻي ڳالهہ جيڪا هن حديث مان معلوم ٿئي ٿي اها هي آهي تہ رسول اڪرم ﷺ مقام محمود تي فائز هجڻ جي باوجود بنا اجازت سفارش نہ ڪري سگهندا، بلڪ اذن شفاعت حاصل ڪرڻ جي لاءِ نامعلوم مدت تائين الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ سجدي ۾ پيا هوندا. الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪندا رهندا ۽ الله تعاليٰ جڏهن چاهيندو اجازت ڏيندو.

غور تہ ڪريو! الله تعاليٰ رسول اڪرم ﷺ کي مقام محمود عطا ڪرڻ جو واعدو دنيا ۾ ئي ڪري ڇڏيو هو. ان جي باوجود پاڻ ﷺ کي سفارش ڪرڻ کان اڳ ۾ اجازت حاصل ڪرڻي پوندي. انهيءَ صورتحال ۾ ان شخص کان وڌيڪ ڏوڪيباز ڪير ٿيندو جيڪو اها دعويٰ ڪري تہ مان قيامت جي ڏينهن پنهنجي مريدن جي سفارش ڪندس يا مان پاڻ سان وابستہ ماڻهن کي الله کان بخشرائيندس يا پنهنجي پوءِ لڳن کي جنت ۾ وٺي ويندس ۽ ان شخص کان وڌيڪ فريب کاڌل ڪير ٿيندو جيڪو پنهنجي "مرشد شفيع" جي آستاني تي نذرانن جا ڍير لڳائي اهو سمجهي تہ منهنجي شفاعت جو انتظام تہ پڪو ٿي ويو آهي.

3 حديث شفاعت مان ٽيئن ڳالهہ اها معلوم ٿئي ٿي تہ الله تعاليٰ رسول اڪرم ﷺ کي ماڻهن کي لامحدود تعداد ۾ دوزخ مان ڪڍڻ جي اجازت نہ ڏيندو بلڪ هڪ حد مقرر ڪئي ويندي تہ پاڻ ﷺ صرف ايمان جي فلاڻي درجي وارن ماڻهن کي دوزخ مان ڪڍي سگهن ٿا. ڇو تہ پاڻ ﷺ جي سفارش جي نتيجي ۾ صرف اهو شخص دوزخ مان نڪرندو جنهن کي الله تعاليٰ نڪرڻ جي اجازت ڏيندو. هاڻي ٿوري دير جي لاءِ فرض ڪريو تہ الله تعاليٰ شيخ عبدالقادر جيلانيؒ کي سفارش جي اجازت ڏئي ٿو ۽ پنجاهہ يا سؤ مريدن جي حق ۾ انهن جي سفارش قبول ڪري ٿو تہ ڇا اهو ممڪن هوندو تہ شيخ عبدالقادر جيلاني رحمۃ الله عليه ضد ڪري ويهي رهي ۽

چوي ته) يا الله منهنجا مريد ته لکن جي تعداد ۾ آهن. مان ته سڀني کي ڪڍي ايندس، يا سيد علي هجويري رحمة الله عليه الله تعاليٰ جي عدالت ۾ اڳي بيهي رهي ته مون پنهنجي هزارين مريدن سان واعدو ڪري ڇڏيو آهي انهيءَ ڪري انهن سڀني کي دوزخ مان ڪڍندس. اهڙو تصور ڪرڻ ۽ سوچڻ الله ﷻ ۽ ان جي رسول ﷺ جن جي ايڏي ته وڏي گستاخي آهي جو ان کان وڏي گستاخي جو تصور به نٿو ڪري سگهجي.

4 حديث شفاعت مان چوٿين ڳالهه اها معلوم ٿئي ٿي ته سفارش جو فائدو صرف توحيد جي عقيدي تي مرڻ وارن کي ئي ٿيندو. جڏهن دوزخ مان سمورا موحد نڪري ايندا ته رسول اڪرم ﷺ پاڻ ئي سفارش ڪرڻ کان رڪجي ويندا ۽ فرمائيندا. "اي الله! هاڻي ته دوزخ ۾ اهي ماڻهو رهجي ويا آهن جن کي قرآن روڪي ڇڏيو آهي." يعني ڪافر ۽ مشرڪ ماڻهو.

گفتگو جو خلاصو هيءُ آهي ته:

(الف) الله تعاليٰ جي اجازت کان سواءِ ڪو به نبي، ڪو به ملائڪ، ڪو به ولي سفارش نه ڪري سگهندو.

(ب) سفارش ڪرڻ وارو صرف ان لاءِ سفارش ڪندو جنهن جي لاءِ الله تعاليٰ جي اجازت هوندي.

(ج) مشرڪ جي لاءِ قطعي ڪا سفارش نه هوندي.

اهو آهي شفاعت جو اسلامي عقيدو جيڪو ڪتاب ۽ سنت مان ثابت آهي. ان جا وڌيڪ دليل هن ڪتاب جي بابن ۾ توهان کي ملي ويندا. ان شاءَ الله!

## شفاعت جي حاصل ڪرڻ وارا خاص عمل

رسول اڪرم ﷺ جي شفاعت جي نتيجي ۾ جنت ۾ داخل ٿيڻ وارن مسلمانن ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو شامل هوندا.

1 پهريون قسم انهن ماڻهن جو هوندو جيڪي دوزخ ۾ داخل ٿيڻ کان

سواءِ مختلف وقتن ۾ جنت ۾ ويندا. " اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنَا مِنْهُمْ "

2 ٻيون قسم انهن ماڻهن جو هوندو جيڪي پنهنجن گناهن جي سزا ڀوڳڻ لاءِ پهريائين دوزخ ۾ ويندا ۽ پوءِ مختلف وقتن ۾ دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا. " اَللّٰهُمَّ لاَ تَجْعَلْنَا مِنْهُمْ "

پهرئين قسم جي ماڻهن کي وڌيڪ چئن گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

پهريون خوش نصيب گروهه اهو هوندو جيڪو رسول اڪرم ﷺ جي سفارش سان بنا حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿيندو.

ٻئي گروهه ۾ اهي ماڻهو شامل هوندا جن جو حساب ڪتاب ٿيندو ليڪن انهن جا صالح عمل ميزان ۾ ڳرا هوندا. رسول اڪرم ﷺ جي شفاعت سان هي خوش نصيب گروهه به سڌو جنت ۾ داخل ٿيندو.

ٽئين گروهه ۾ اهي ماڻهو شامل هوندا جن جون نيڪيون ۽ برايون هڪ جيتريون هونديون. هي ماڻهو پهرياڻين اعراف جي جاءِ تي ترسايا ويندا. اعراف جنت ۽ دوزخ جي وچ تي هڪ مٿاهين جاءِ آهي. جتي نه جنت جون نعمتون هونديون ۽ نه دوزخ جو عذاب. اصحاب اعراف اتي الله تعاليٰ کان رحمت طلب ڪندا رهندا. هي ماڻهو به رسول اڪرم ﷺ جي شفاعت سان جنت ۾ داخل ٿيندا.

چوٿين گروهه ۾ اهي ماڻهو شامل هوندا جن جون نيڪيون براين کان ڪجهه گهٽ هونديون. انهن جو دوزخ ۾ وڃڻ طئي ٿي ويو هوندو ليڪن پاڪ ﷺ جي شفاعت جي نتيجي ۾ اهي ماڻهو به دوزخ کان بچايا ويندا ۽ جنت ۾ داخل ڪيا ويندا.(1) والله اعلم بالصواب.

سڌو سنئون جنت ۾ وڃڻ وارا چارئي خوش نصيب گروهه هڪ ٻئي کان ڪيتري ڪيتري مدت پوءِ جنت ۾ داخل ٿيندا. ان جو علم ته الله سبحانه وتعاليٰ کي آهي ليڪن اها ڳالهه ظاهر آهي ته جنهن جو ايمان جيترو مضبوط ۽ نيڪ عمل جيترا وڌيڪ هوندا. ان کي پاڪ رسول

1. ڏسو عقيده طحاويه ، باب الشفاعة

جو مختصر ذڪر ڪري رهيا آهيون، جن جو تفصيل ايندڙ بابن ۾ پڻ موجود آهي.

1. قرآن مجيد جي تلاوت جو ڪثرت سان بندوبست.

پاڻ ﷺ جو ارشاد مبارڪ آهي، "قيامت جي ڏينهن قرآن مجيد پنهنجي پڙهڻ وارن جي لاءِ سفارشي ٿي ايندو (مسلم). انهيءَ ڪري قرآن مجيد جي تلاوت جو جيترو وڌ ۾ وڌ بندوبست ٿي سگهي ڪرڻ گهرجي.

2 . سورة بقره ۽ سورة آل عمران جي تلاوت.

پاڻ ﷺ جو ارشاد آهي تہ هي ٻئي سورتون پنهنجي پڙهڻ واري جي حق ۾ الله تعاليٰ سان جهڳڙو ڪنديون (مسلم). يعني الله تعاليٰ کي سفارش ڪنديون تہ يا الله هن جا گناهہ معاف ڪر ۽ هن کي جنت ۾ موڪل.

3. سورة ملڪ جي ڪثرت سان تلاوت.

پاڻ ﷺ جو ارشاد مبارڪ آهي تہ سورة ملڪ (يعني سورة تبارڪ) پنهنجي پڙهڻ واري جي حق ۾ سفارش ڪندي رهندي ايستائين جو الله تعاليٰ ان کي بخشي ڇڏيندو. (ابن ماجہ)

4. تهجد جو بندوبست.

پاڻ ﷺ پنهنجي هڪ صحابي کي نصيحت فرمائي هئي تہ منهنجي سفارش حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڌ کان وڌ نفل پڙهندو ڪر (مسلم). ياد هجي تہ نفل نمازن مان تهجد جي نماز سڀ کان افضل آهي (مسلم).

5. صبح ۽ شام ڏهہ ڏهہ ڀيرا درود شريف پڙهڻ.

رسول اڪرم ﷺ جو ارشاد مبارڪ آهي تہ "جيڪو شخص ڏهہ دفعا صبح ۽ ڏهہ دفعا شام مون تي درود موڪليندو (تہ) قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت حاصل ٿيندي" (طبراني). درود شريف جي باري ۾ هي ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ شفاعت جو هي واعدو صرف انهيءَ ماڻهوءَ جي لاءِ آهي جيڪو مسنون درود شريف جو وظيفو پڙهي. هٿرادو (غير مسنون)

9. مديني ۾ ترسڻ جي دوران مصيبتن تي صبر ڪرڻ:

پاڻ ﷺ جو ارشاد مبارڪ آهي، "جيڪو شخص مديني ۾ ترسڻ جي دوران اچڻ وارين مصيبتن تي صبر ڪندو مان ان جي لاءِ سفارش ڪندس"

(مسلم).

هي نو(9) عمل اهڙا آهن جيڪي قيامت جي ڏينهن انسان جي شفاعت جو سبب ٿيندا هاڻي هر انسان جي پنهنجي ظرف ۽ پنهنجي ذوق جي ڳالهه آهي تہ اهو سمنڊ مان درياهہ ٿو حاصل ڪري يا صرف چند قطرن تي ئي قناعت ڪري ٿو .

## شڪر واجب آهي

الله تعالىٰ هر هڪ انسان تي اڻ ڳڻيا احسان ڪيا آهن ۽ نعمتون عطا ڪيون آهن. ڪيترين ئي نعمتون اهڙيون آهن جيڪي الله تعالىٰ انسان کي بنا گهرڻ جي عطا ڪيون آهن ليڪن گهڻيون نعمتون اهڙيون آهن جيڪي الله تعالىٰ هر انسان کي گهرڻ کان پوءِ عطا ڪيون آهن. اکيون، نڪ، ڪن، دل، دماغ، هٿ ۽ پير وغيره اهڙيون نعمتون آهن جيڪي الله تعالىٰ بنا ڪنهن فرق جي هر ڪنهن انسان کي عطا ڪيون آهن ۽ هي اهڙيون قيمتي نعمتون آهن جو الله تعالى قرآن مجيد ۾ انهن جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي، ﴿وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْأَبْصَارَ وَالْأَفْئِدَةَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ﴾ الله تعالىٰ توهان کي ڪن، اکيون ۽ عقل عطا ڪيو تہ جيئن توهان شڪر ادا ڪريو. (سورة نحل، آيت نمبر 78) گهڻيون نعمتون اهڙيون آهن جن تي انسان ذات جي زندگي جي قيام ۽ بقا جو انحصار آهي، مثال طور: سج، چنڊ، تارا، درياهہ، سمنڊ، جبل، پٿر، وڻ، هوا ۽ پاڻي وغيره هي نعمتون بہ شڪر جي لائق آهن. الله تعالي جو ارشاد آهي ﴿وَلَقَدْ مَكَّنَّاكُمْ فِي الْأَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيهَا مَعَايِشَ قَلِيلًا مَّا تَشْكُرُونَ﴾ ۽

بيشڪ اسان توهان کي زمين ۾ رهڻ جي جڳهہ ڏني ۽ ان ۾ توهان جي لاءِ زندگي جو سامان مهيا ڪيو (ليڪن) توهان ماڻهو گهٽ ئي شڪر ادا ڪريو ٿا. (سورة اعراف، آيت نمبر10 ) هي سڀ نعمتون اهي آهن جيڪي الله تعاليٰ مسلمانن ۽ ڪافرن کي هڪ جهڙيون عطا ڪيون آهن ۽ ايتري گهڻي تعداد ۾ عطا ڪيون آهن جو انهن جي ڳڻپ ممڪن ئي نہ آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي، ﴿ وَ اِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لاَ تُحْصُوْهَا ﴾ ۽ جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ جي انهن نعمتن جي ڳڻپ ڪرڻ چاهيو تہ ڳڻي نٿا سگهو. (سورة نحل،آيت نمبر 18) انهن سڀني نعمتن کان وڌيڪ اها نعمت آهي جيڪا الله تعاليٰ صرف مسلمانن کي عطا فرمائي آهي ۽ اها آهي ايمان جي نعمت.....الله تي ايمان، رسولن تي ايمان، ڪتابن تي ايمان، ملائڪن تي ايمان، تقدير تي ايمان ۽ جنت ۽ دوزخ تي ايمان..... ايمان جي نعمت عطا ڪرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ اُمت تي جيڪو عظيم احسان ڪيو آهي اهو اهو آهي تہ انهن کي اهڙي نبي (ﷺ) جي اُمت ۾ پيدا ڪيو اٿس جيڪو دنيا ۽ آخرت ۾ سڀني نبين جو سردار ۽ امام آهي. قيامت جي ڏينهن شفاعت جي مٿاهين درجي "مقام محمود" تي فائز هوندا. پاڻ ﷺ جي شفاعت عظميٰ سان ئي شفاعت جي ابتداء ٿيندي. پاڻ ﷺ جي ئي شفاعت سڀ کان پهريائين ٻڌي ويندي ۽ پاڻ ﷺ جي ئي شفاعت سڀني کان پهريان ئي قبول ڪئي ويندي. پاڻ ﷺ جي شفاعت سان جنت جو دروازو کوليو ويندو. پاڻ ﷺ جي شفاعت سان ايمان وارن جو سڀ کان پهريون خوش نصيب گروهہ بنا حساب ڪتاب جي جنت ۾ ويندو. پاڻ ﷺ جي شفاعت سان اصحاب اعراف جنت ۾ ويندا. پاڻ ﷺ جي شفاعت سان گهڻائي مسلمان جن جي باري ۾ دوزخ جو فيصلو ٿي چڪو هوندو، جنت ۾ داخل ڪيا ويندا. پاڻ ﷺ جي شفاعت سان ئي ڪبيره گناهن جا ڏوهاري دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا. پاڻ ﷺ جي شفاعت

سان ٿي جَوَ جي داڻي برابر ايمان وارا مسلمان بہ دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا. پاڻ ﷺ جي شفاعت سان ٿي ذري جيترو ايمان رکڻ وارا ماڻهو دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا. پاڻ ﷺ جي شفاعت سان ٿي رائي جي برابر ايمان رکڻ وارا ماڻهو دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا. رسول اڪرم ﷺ جي هيءَ فضيلت ۽ شان اهڙو آهي جنهن تي قيامت جي ڏينهن سڀ نبي سڳورا حسرت ڪندا. فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيْهِ .

قيامت جي ڏينهن سڀئي نبي سڳورا نَفْسِيْ نَفْسِيْ چئي پنهنجي پنهنجي جان جي امان طلب ڪري رهيا هوندا. ان وقت سيد الانبياء ﷺ ٿي هوندا جيڪي رَبِّ اُمَّتِيْ رَبِّ اُمَّتِيْ پڪاري پنهنجي اُمت جي بخشش سلامتي جي دعا گهري رهيا هوندا.

الله تعاليٰ دنيا ۾ هر نبي سڳوري سان هڪ دعا قبول ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. سڀ نبي سڳورا پنهنجون پنهنجون دعائون دنيا ۾ گهري چڪا آهن،صرف اسان جو پيارو رسول اڪرم ﷺ ٿي اهي اڪيلا رئوف ۽ رحيم رسول آهن جن پنهنجي دعا اُمت جي شفاعت جي لاءِ محفوظ رکي آهي (مسلم). اهو اسان جو ٿي پيارو رسول ﷺ "اسان جو ٿي رحمت وارو رسولﷺ . اسان جوئي محسن رسول ﷺ آهي جيڪو دنيا ۾ ٿي قيامت جو هيبتناڪ منظر ياد ڪندي اَللّٰهُمَّ اُمَّتِيْ اَللّٰهُمَّ اُمَّتِيْ پڪاريندي ڳوڙها وهائيندو هو ۽ اُمت جي بخشش جي لاءِ التجائون ڪندو رهيو (مسلم). اهو اسان جوئي محسن، اسان جوئي آقا، اسان جو ٿي شفيع رسول ﷺ آهي، جنهن کي الله تعاليٰ دنيا ۾ هن ڳالهہ جو اختيار ڏنو تہ جيڪڏهن اهي پسند ڪن تہ پنهنجي اڌ امت کي جنت ۾ وٺي وڃن ۽ جيڪڏهن پسند ڪن تہ شفاعت جو حق محفوظ ڪن. ڪروڙين ڪروڙين رحمتون هجن انهيءَ رحمت رسول ﷺ تي

جن اسان جهڙن گنهگارن جي لاءِ شفاعت جو حق محفوظ ڪرڻ پسند ڪيو.

حقيقت اها آهي تہ اهڙي شفيع ۽ مشفع رسول ﷺ جي اُمت ۾ پيدا ڪري الله تعاليٰ اُمت محمدي تي اهو وڏو احسان ڪيو آهي جو جيڪڏهن هن اُمت جو هر شخص هر ساهہ سان ڳڻ پنهنجي رب رحيم ۽ ڪريم جو شڪر ادا ڪري تہ زندگي جي آخري پساهہ تائين ان جو حق ادا نٿو ڪري سگهي. خاص ڪري مون جهڙن گنهگارن کي تہ هن عظيم نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ پنهنجو پاڻ تي اهڙي طرح واجب ڪرڻ گهرجي جهڙي طرح نماز ۽ روزو واجب آهي. ڇو تہ اسان جي جهولي ۾ رسول رحمت ﷺ جي شفاعت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ تہ آهي .

الله تعاليٰ جو شڪر زباني ۽ عملي ٻنهي طرح ڪرڻ گهرجي. زباني شڪر اهو آهي تہ الله تعاليٰ جي تعريف، پاڪائي، وڏائي ۽ بزرگي جا ڪلمات ادا ڪيا وڃن. الله جو ذڪر ڪيو وڃي ۽ مسنون دعائن جو ڪثرت سان اهتمام ڪيو وڃي.

عملي شڪر اهو آهي تہ الله تعاليٰ جي ايتري تہ عبادت ڪئي وڃي جو انسان عبادت ڪندي ٿڪجي پوي. ڪثرت سان نفل نمازون پڙهڻ، ڪثرت سان نفلي روزا رکڻ، ڪثرت سان نفلي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ، ڪثرت سان قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ. اهي سڀ عملي شڪر جا قسم آهن. ارشاد باري تعاليٰ آهي: ﴿وَاشْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ﴾ الله جي نعمتن جو شڪر ادا ڪريو جيڪڏهن توهان واقعي ان جي عبادت ڪندا آهيو. (سورة نحل، آيت نمبر 114)

الله تعاليٰ کان ڊڄڻ، الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ، الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ، الله تعاليٰ لاءِ تقويٰ اختيار ڪرڻ بہ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ ۾ شامل آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي: ﴿فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ﴾ الله جي اڳيان تقويٰ اختيار ڪريو. اميد آهي تہ توهان شڪر گذار

وٺندڙ واجب الاحترام علماءِ ڪرام ۽ دوستن جي حلقي جو دل جي گهراين سان ممنون ۽ احسان مند آهيان جن وڪ وڪ تي مون کي هر طرح جي تعاون سان نوازيو آهي.

مان انهن مهربان پڙهندڙن جو ب دل جي سچائي سان شڪرگذار آهيان جيڪي مون کي پنهنجي دعائن ۾ ياد رکن ٿا. انهن حضرات جي لاءِ ب دعاگو آهيان جيڪي هنن ڪتابن جا ترجما صرف حديث جي اشاعت جي جذبي سان ڪري رهيا آهن. ڪمپوزنگ ۽ طباعت جي محنت طلب ۽ صبر آزما مرحلا طئي ڪرڻ ۾ برادرم خالد محمود ڪيلاني ۽ برادرم هارون رشيد ڪيلاني جو تعاون منهنجي لاءِ وڏو مددگار ثابت ٿيو آهي. الله ڪريم سڀني معاونين کي دنيا ۽ آخرت جي انعامن سان نوازي ۽ هر جڳهه عزت افزائي فرمائي. آمين!

يا رب العالمين! اسان سڀ تنهنجا نهايت عاجز، حقير ۽ گنهگار ٻانها آهيون. تون پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان حديث جي اشاعت جي هن ننڍڙي ۽ ادني خدمت کي پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرماءِ ۽ قيامت جي ڏينهن هن کي اسان جي لاءِ رسول رحمت ﷺ جي شفاعت عظميٰ جي حاصل ڪرڻ جو ذريعو بناءِ. آمين!

﴿ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ وَ تُبْ عَلَيْنَا اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ﴾

محمد اقبال ڪيلاني

الرياض سعودي عرب

2 جمادي الاول 1421هه.

2 آگسٽ 2000ع

محبوب مدني، رسول اڪرم ﷺ جي حديثن جي ترجمي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. مان ٿورائتو آهيان جناب ڊاڪٽر امير بخش چنه، پروفيسر جامعه ملڪ سعود الرياض، سعودي عرب جو، جن پنهنجي بيحد مصروفيتن جي باوجود وقت ڪڍي هن ڪتاب تي نظرثاني ڪئي ۽ پنهنجي مفيد مشورن سان نوازيو ۽ همت افزائي ڪئي. مان نورچشم نجيب عباسي، جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن ڇپائي ۽ پروف ڏسڻ ۾ مدد فرمائي. الله تعاليٰ کين اجر عظيم عطا فرمائي ۽ دين جي وڌ ۾ وڌ خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

سڀني پڙهندڙن کي عرض آهي ته پنهنجي راين ۽ تجويزن کان آگاهه ڪن. جيڪا غلطي يا ڪوتاهي ڏسن انهي ۽ کان واقف ڪن. جيئن ايندڙ ڇاپي کي درست ڪري شايع ڪري سگهجي ۽ پڻ حديث رسول الله ﷺ کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ اسان جي مدد ڪن. رسول الله ﷺ فرمايو:
”نضرالله امرً سَمِعَ مِنا شيئاً فَبَلغَه كما سَمِعَه فَرُبَّ مُبَلغ اوعيٰ له من سامع“ (الله ان شخص کي تروتازه رکي جنهن اسان کان ڪا ڳالهه ٻڌي ۽ ان کي هوبهو انهي ۽ طرح ٻين تائين پهچائي، جهڙي طرح ٻڌي هئي، گهڻا ٻڌڻ وارا پهچائڻ وارن کان وڌيڪ، ياد رکڻ وارا ٿين ٿا). (ترمذي)

الله تبارڪ و تعاليٰ جي بارگاهه ۾ التجا آهي ته هن ڪتاب جي ڇاپائڻ ۾ جن دوستن جو تعاون ۽ مدد شامل حال رهي آهي، انهن سڀني کي دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي ڪرم ساڻ نوازي ۽ احسن جزا عطا فرمائي آمين. اسان سڀني جي ڪوشش کي شرف قبوليت عطا فرمائي، پنهنجي رضا ۽ خوشنودي جو ذريعو ناهي، صحيح عقيدو ۽ صراط مستقيم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. ثم آمين.

﴿ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ وَتُبْ عَلَيْنَا اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴾

خادم سنت
سڪندر عباسي
ذوالحجة 1424 هجري
حيدرآباد . سنڌ

# مختصر اصطلاحات حديث

هر حديث جو جدا جدا مقام ۽ مرتبو آهي. محدثين جي اصطلاحي زبان مطابق حديثن جي اصطلاحن (صفتن) جو مختصر بيان ڏجي ٿو، جيئن هر پڙهندڙ ان کي آسانيءَ سان سمجهي ۽ مستفيد ٿي سگهي.

(1) جيڪو ڪم رسول الله ﷺ فرمايو هجي،

(2) ڪيو هجي

(3) يا ڏٺو هجي ۽ ڏسي ان کي ڪرڻ جي منع نہ ڪئي هجي،

ان کي ”حديث“ سڏجي ٿو. پهرئين قسم جي حديث کي قولي، ٻئي کي فعلي ۽ ٽيئن کي تقريري سڏجي ٿو.

**مرفوع:** جنهن حديث ۾ صحابي، رسول الله ﷺ جو نالو وٺي حديث بيان ڪن، تنهن کي حديث مرفوع چئجي ٿو.

موقوف: جنهن حديث ۾ صحابي، رسول الله ﷺ جو نالو وٺڻ کان سواءِ حديث بيان ڪن يا پنهنجي خيال جو اظهار ڪن، تنهن کي اثر موقوف چئجي ٿو.

احاد : جنهن حديث جا راوي تعداد ۾ متواتر حديث جي راوين کان گهٽ هجن، تنهن کي احاد چئجي ٿو. هن جا 3 قسم آهن:

(1) مشهور: جنهن حديث جا راوي گهٽ ۾ گهٽ ٽي رهيا هجن.

(2) عزيز: جنهن حديث جا راوي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ رهيا هجن.

(3) غريب: جنهن حديث جو راوي هڪ هجي.

متواتر : جنهن حديث جا راوي هر زماني ۾ ايترا هجن، جن جو ڪوڙ تي گڏ ٿيڻ ممڪن نہ هجي، تنهن حديث کي متواتر چئجي ٿو.

مقبول: جنهن حديث جي راوين جي ديانت ۽ سچائي تسليم ٿيل هجي، تنهن حديث کي مقبول چئجي ٿو. هن جا ٻہ قسم آهن هڪ حسن ۽ ٻيو صحيح.

حسن: جنهن حديث جا راوي صحيح حديث جي راوين جي حافظي ۾ گهٽ هجن، باقي شرط اهي هجن، تنهن حديث کي حسن چئجي ٿو.

صحيح: جنهن حديث جا سڀ راوي هر زماني ۽ هر دور ۾ ثقه (قابل اعتماد)، پرهيزگار، قابل اعتبار حافظي جا مالڪ هجن، تنهن حديث کي صحيح چئجي ٿو. حديث صحيح کي ستن درجن ۾ ورهايو وڃي ٿو، اهي هي آهن:

1. جنهن کي بخاري ۽ مسلم ٻنهي روايت ڪيو هجي، ان کي متفق عليه به سڏجي ٿو.

2. جنهن کي رڳو بخاري روايت ڪيو هجي.

3. جنهن کي رڳو مسلم روايت ڪيو هجي.

4. جنهن کي بخاري ۽ مسلم جي شرطن مطابق ڪنهن ٻئي محدث روايت ڪيو هجي.

5. جنهن کي صرف بخاري جي شرطن مطابق ٻئي محدث روايت ڪيو هجي.

6. جنهن کي صرف مسلم جي شرطن مطابق ڪنهن ٻئي محدث روايت ڪيو هجي.

7. جنهن کي بخاري ۽ مسلم کان سواءِ ٻين محدثين صحيح سمجهيو هجي.

غير مقبول: جنهن حديث جي راوين جي ديانت ۽ سچائي مشتبه (مشڪوڪ) هجي تنهن حديث کي غير مقبول چئجي ٿو.

ضعيف: جيڪا حديث صحيح ۽ حسن جي شرطن مطابق پوري نه ايندي هجي، جنهن جو ڪو راوي ساقط (غير مسلسل) هجي يا مطعون (مورد الزام) هجي، تنهن حديث کي ضعيف سڏجي ٿو. ضعيف حديث کي اٺن درجن ۾ ورهايو وڃي ٿو. اهي هي آهن:

1. معلق: جنهن حديث جو هڪ يا سڀ راوي شروع واري سند

حذف يعني ڪيرائي ڇڏين.

2. منقطع: جنهن حديث ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ راوي مختلف هنڌن ساقط هجن.

3. مرسل: جنهن حديث جو راوي آخري سند ۾ ساقط هجي يعني تابعي کان پوءِ صحابي جو نالو نہ هجي.

4. معضل: جنهن حديث ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ گڏ راوي سند جي وچ ۾ حذف (ڪريل) هجن.

5. موضوع: جنهن حديث جي راوي جو حديث جي معاملي ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ثابت هجي.

6. متروڪ: جنهن حديث جي راوي تي رڳو ڪوڙ جي تهمت هجي، ليڪن حديث جي معاملي ۾ ڪوڙ ثابت نہ هجي.

7. شاذ: جنهن حديث ۾ هڪ ثقہ راوي پاڻ کان وڌيڪ ثقہ راوي ۽ ضابط جي مخالفت ڪري.

8. منڪر: جنهن حديث جو راوي فاسق يا بدعتي هجي.

# حديثن جي ڪتابن جا نالا

حديثن جي ڪتابن جي اصطلاحات (نالن) جو بيان هيٺ ڏجي ٿو.

1. صحاح سته: "سته" عربي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڇهه ۽ صحاح معنيٰ صحيح. حديث جي ڇهن ڪتابن بخاري، مسلم، ابوداءود، ترمذي، نسائي ۽ ابن ماجه کي غلبۂ صحت جي بنياد تي "صحاح سته" سڏجي ٿو.
2. جامع: جنهن ڪتاب ۾ اسلام جي متعلق تمام مباحث (اٺن شين جو ذڪر) عقائد، احڪام، تفسير، رقاق، ملاحم، فضائل، مناقب ۽ مغازي موجود هجن ان کي "جامع" سڏجي ٿو. مثلاً جامع ترمذي، جامع صحيح بخاري.
3. سنن: جنهن ڪتاب ۾ صرف فقهي احڪامات جي متعلق حديثون جمع ڪيون ويون هجن، ان کي "سنن" سڏجي ٿو مثلاً سنن ابو داءود.
4. مسند: جنهن ڪتاب ۾ ترتيب وار هر صحابيءَ جون حديثون گڏ ڪيون ويون هجن، ان کي "مسند" سڏجي ٿو مثلاً مسند امام احمد.
5. مستخرج: جنهن ڪتاب ۾ هڪ ڪتاب جون حديثون ڪنهن ٻئي سند سان روايت ڪيون وڃن، ان کي "مستخرج" سڏجي ٿو. مثلاً مستخرج الاسماعيل البخاري، مستخرج ابو نعيم.
6. مستدرڪ: جنهن ڪتاب ۾ هڪ محدث جي قائم ڪيل شرطن مطابق اهي حديثون جمع ڪيون وڃن، جيڪي ان محدث پنهنجي ڪتاب ۾ داخل (الڪيون) نه ڪيون هجن، ان کي "مستدرڪ" سڏجي ٿو. مثلاً مستدرڪ حاڪم.
7. اربعين: اربعين عربي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي چاليهه. جنهن ڪتاب ۾ چاليهه حديثون جمع ڪيون ويون هجن، ان کي اربعين سڏجي ٿو مثلاً اربعين نووي.

# تَعْـــرِيْفُ الشَّــفَـاعَـــةِ

## شفاعت جو مطلب

مسئلو: 1 شفاعت جو مطلب ڪنهن جي لاءِ سفارش ڪرڻ آهي. چاهي سٺي هجي يا خراب.

﴿مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً حَسَنَةً يَّكُنْ لَّهُ نَصِيْبٌ مِّنْهَا وَ مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً سَيِّئَةً يَّكُنْ لَّهُ كِفْلٌ مِّنْهَا وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقِيْتًا﴾ (4:85)

جيڪو شخص (ڪنهن جي لاءِ) سٺي سفارش ڪندو (چاهي قبول ٿئي يا نه ٿئي) ان کي ان جي ثواب مان حصو ملندو ۽ جيڪو برائي جي سفارش ڪندو ان کي ان جي گناهه مان حصو ملندو ۽ الله تعاليٰ هر شيءِ تي نگهبان آهي. (سورة نساء ، آيت نمبر 85)

عَنْ مُعَاوِيَةَ بْنِ اَبِيْ سُفْيَانَ رضي الله عنهما اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ ((اِشْفَعُوْا تُؤْجَرُوْا)) رَوَاهُ النَّسَائِيُّ (1) (صحيح)

حضرت معاويه بن ابو سفيان رضي الله عنهما جن کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو. چڱي سفارش ڪريو ۽ ثواب جا حقدار ٿيو. (نسائي)

مسئلو: 2 شريعت ۾ شفاعت جو مطلب قيامت جي ڏينهن ملائڪن، نبين ۽ ايمان وارن جو موحد گنهگارن جي لاءِ بخشش جي

---

1. كتاب الزكاة، باب الشفاعة في الصدقة (2397:2)

سفارش ڪري آهي جنهن ڪان پوءِ اهي جنت ۾ داخل ٿيندا.

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدِ نِ الْخُدْرِيُ ﷺ مَرْفُوْعاً قَالَ ((فَيَقُوْلُ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ شَفَعَتِ الْمَلٰئِكَةُ وَ شَفَعَ النَّبِيُّوْنَ وَ شَفَعَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ لَمْ يَبْقَ اِلاَّ اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْنَ فَيَقْبِضُ قَبْضَةً مِنَ النَّارِ فَيُخْرِجُ مِنْهَا قَوْمًا لَمْ يَعْمَلُوْا خَيْرًا قَطُّ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ [1]

حضرت ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو (قيامت جي ڏينهن) الله تعاليٰ فرمائيندو ملائڪ به سفارش ڪري چڪا، انبياءَ به سفارش ڪري چڪا، اهل ايمان به سفارش ڪري چڪا هاڻي ڪوبه نه بچيو آهي سواءِ الرحم الراحمين جي، انهيءَ ڪري الله تعاليٰ دوزخ مان ُپنهنجي مٺ ڀري ماڻهن کي ڪڍندو. هي اهي (موحد) ماڻهو هوندا جن ڪڏهن به ڪو نيڪ عمل نه ڪيو هوندو. (مسلم)

❀❀❀❀❀

1. ڪتاب الايمان، باب اثبات الرؤية المؤمنين في الاخرة ربهم

# اَلْعَقِيْدَةُ الشِّرْكِيَّةُ فِى الشَّفَاعَةِ

## شفاعت جو مشرڪاڻو عقيدو

مسئلو 4 ڪنهن نبيءَ، وليءَ، قطب، ابدال، عالم، شهيد يا پير ۽ مرشد جي باري ۾ اهو عقيدو رکڻ ته قيامت جي ڏينهن اهو الله تعاليٰ کي سفارش ڪري جنهن کي چاهيندو بخشرائيندو. الله تعاليٰ ان جي سفارش رد نه ڪندو. مشرڪاڻو عقيدو آهي.

﴿ وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنْدَ اللّٰهِ قُلْ اَتُنَبِّئُوْنَ اللّٰهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴾ (18:10)

مشرڪ الله تعاليٰ کان سواءِ انهن جي عبادت ڪن ٿا جيڪي نه انهن کي نقصان پهچائي سگهن ٿا ۽ نه نفعو ۽ چون ٿا ته اهي الله تعاليٰ وٽ اسان جا سفارشي آهن. اي نبي ﷺ انهن کي چئو ڇا توهان الله تعاليٰ کي هن ڳالهه جي خبر ڏيو ٿا جنهن کي نه هو آسمانن ۾ ڄاڻي ٿو ۽ نه زمين ۾؟ پاڪ آهي اهو ۽ مٿانهون آهي انهيءَ شرڪ کان جيڪو هي ڪري رهيا آهن. (سورة يونس، آيت نمبر 18)

﴿ وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنْصَرُوْنَ ۝ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَهُمْ وَهُمْ لَهُمْ جُنْدٌ مُّحْضَرُوْنَ ﴾ (36:75-74)

# اَلْعَـقِيْـدَةُ الصَّحِيْحَةُ فِي الشَّفَاعَةِ
# شفاعت جو اسلامي (صحيح) عقيدو

**مسئلو 14** ڪنهن کي شفاعت جي اجازت ڏيڻ ۽ نه ڏيڻ جو اختيار صرف الله تعاليٰ وٽ آهي.

**مسئلو 15** ڪنهن جي شفاعت قبول ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو اختيار به صرف الله تعاليٰ وٽ آهي.

﴿يَوْمَ لَا تَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ شَيْئًا وَّ الْأَمْرُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ﴾(82:19)

ان ڏينهن ڪو به نفس ڪنهن ٻئي جي لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهندو ۽ فيصلي جو اختيار ان ڏينهن صرف الله جي هٿ ۾ هوندو.

(سورة انفطار، آيت نمبر 19)

﴿مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ﴾(2:255)

ڪير آهي جيڪو الله جي اڳيان ان جي اجازت کان سواءِ سفارش ڪرڻ جي جرئت ڪري؟ (سورة بقرة، آيت نمبر 255)

﴿مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اِذْنِهٖ﴾(10:3)

ڪير به الله جي اجازت کانسواءِ سفارش نه ٿو ڪري سگهي.

(سورة يونس، آيت نمبر 10)

﴿قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ﴾(39:44)

(اي نبي!) چئو ته سموري سفارش جو مختيار الله تعاليٰ ئي آهي. زمين ۽ آسمانن جي بادشاهي انهيءَ جي آهي. پوءِ توهان سڀ انهيءَ ڏانهن واپس ڪيا ويندؤ. (سورة زمر، آيت نمبر 44)

**مسئلو: 16** قيامت جي ڏينهن صرف اهو شخص شفاعت ڪري سگهندو جنهن کي الله تعالىٰ اجازت ڏيندو ۽ صرف انهيءَ شخص جي لاءِ سفارش قبول ڪئي ويندي جنهن جي لاءِ الله تعالىٰ جي اجازت هوندي.

﴿ يَوْمَئِذٍ لاَّ تَنفَعُ الشَّفَاعَةُ اِلاَّ مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَ رَضِيَ لَهُ قَوْلاً ﴾ (109:20)

قيامت جي ڏينهن ڪا سفارش فائدو نہ ڏيندي سواءِ ان شخص جي سفارش جنهن کي رحمان اجازت ڏني هجي ۽ ان سفارشي جي ڳالهہ الله تعالىٰ کي پسند بہ اچي. (سورة طٰہٰ، آيت نمبر 109)

﴿ وَ لاَ تَنفَعُ الشَّفَاعَةُ عِنْدَهُ اِلاَّ لِمَنْ اَذِنَ لَهُ ﴾ (23:34)

۽ الله جي اڳيان ڪابہ سفارش ڪنهن کي ڪو فائدو نٿي ڏئي سگهي سواءِ ان شخص جي جنهن جي لاءِ الله تعالىٰ اجازت ڏني هجي.
(سورة سبا، آيت نمبر 23)

﴿ يَوْمَ يَاْتِ لاَ تَكَلَّمُ نَفْسٌ اِلاَّ بِاِذْنِهِ ﴾ (105:11)

جڏهن اهو ڏينهن ايندو تہ ڪنهن کي بہ ڳالهائڻ جي جرئت نہ هوندي سواءِ الله تعالىٰ جي اجازت جي. (سورة هود، آيت نمبر 105)

**مسئلو: 17** توحيد جي قولي ۽ عملي شاهدي ڏيڻ وارائي شفاعت ڪري سگهندا.

﴿ وَ لاَ يَمْلِكُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الشَّفَاعَةَ اِلاَّ مَنْ شَهِدَ بِالْحَقِّ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴾ (86:43)

الله تعالىٰ کي ڇڏي جن کي هي (مشرڪ) پڪارين ٿا. اهي ڪنهن سفارش جو اختيار نٿا رکن پر اهي سفارش ڪندا جن کي (دنيا ۾) حق ڳالهہ (يعني توحيد) جو علم هو ۽ هنن ان جي شاهدي ڏني. (سورة زخرف، آيت نمبر 86)

مسئلو: 18 قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي عظمت، ڪبريائي ۽ جلال جي خوف کان (سيد الانبياء حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کان سواءِ) سڀ وڏا وڏا نبي ايستائين جو حضرت ابراهيم خليل الله، حضرت موسيٰ ڪليم الله، حضرت عيسيٰ روح الله عليهم السلام به الله جي اڳيان بيهڻ جي همت نه ڪري سگهندا.

وضاحت: تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 31

مسئلو: 19 شفاعت صرف ان جي قبول ٿيندي جنهن شرڪ نه ڪيو هوندو.

عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اِنِّيْ سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ (( مَا مِنْ رَجُلٍ مُسْلِمٍ يَمُوْتُ فَيَقُوْمُ عَلٰى جَنَازَتِهٖ اَرْبَعُوْنَ رَجُلاً لاَ يُشْرِكُوْنَ بِاللّٰهِ شَيْئًا اِلاَّ شَفَّعَهُمُ اللّٰهُ فِيْهِ )) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (1)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو ته ”جنهن مسلمان ميت جي جنازي ۾ چاليهه اهڙا ماڻهو جنازي جي نماز پڙهن جن ڪنهن کي الله جو شريڪ نه ٺهرايو هجي ته الله تعاليٰ ان ميت جي حق ۾ انهن ماڻهن جي سفارش قبول فرمائي ٿو.“ (مسلم)

مسئلو: 20 شفاعت صرف ان جي حق ۾ قبول ٿيندي جنهن شرڪ نه ڪيو هجي.

وضاحت: تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 35

✿✿✿✿

1. كتاب الجنائز ، باب من صلي عليه مائة شفعوا فيه

# اَلشَّفَاعَـــةُ وَالْمَلٰئِكَـــةُ

# شفاعت ۽ ملائڪ

**مسئلو: 21** سيد الملائڪ حضرت جبرائيل عليه السلام، الله تعاليٰ جي اجازت کان سواءِ ڪنهن جي سفارش نہ ڪندو.

**مسئلو: 22** ملائڪ صرف انهيءَ جي لاءِ سفارش ڪندا جنهن لاءِ الله تعاليٰ اجازت ڏيندو.

﴿ يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ صَفًّا لَا يَتَكَلَّمُوْنَ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَ قَالَ صَوَابًا﴾ (78:38)

جنهن ڏينهن جبرائيل ۽ ملائڪ صفون ٻڌي (الله جي اڳيان) بيهندا ته ڪوبہ نہ ڳالهائيندو سواءِ انهيءَ جي جنهن کي رحمان اجازت ڏني ۽ اهو الله جي مرضيءَ جي مطابق صحيح ڳالهہ چئي. (سورة نبا، آيت نمبر 38)

﴿ وَ لَا يَشْفَعُوْنَ اِلَّا لِمَنِ ارْتَضٰى وَ هُمْ مِّنْ خَشْيَتِهٖ مُشْفِقُوْنَ﴾ (21:28)

۽ ملائڪ ڪنهن جي لاءِ بہ سفارش نٿا ڪن سواءِ انهيءَ جي جنهن جي حق ۾ الله تعاليٰ سفارش ٻڌڻ پسند ڪندو ۽ ملائڪن جو پنهنجو حال اهو آهي جو هو انهيءَ جي خوف کان ڪنبي رهيا آهن.

(سورة انبياء، آيت نمبر 28)

﴿ لَا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَآ اَمَرَهُمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ﴾ (66:6)

ملائڪ ڪڏهن بہ الله جي حڪم جي نافرماني نٿا ڪن ۽ جيڪو

حڪم انهن کي ڏنو وڃي ٿو اهو پورو ڪن ٿا . (سورة تحريم، آيت نمبر 6)

**مسئلو: 23** آسمانن جا سمورا ملائڪ گڏجي به سفارش ڪن ۽ ڪنهن کي الله جي پڪڙ کان بچائڻ چاهين ته نٿا بچائي سگهن جيستائين الله نه چاهي.

﴿ وَ كَمْ مِنْ مَّلَكٍ فِي السَّمٰوٰتِ لاَ تُغْنِيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْئًا اِلاَّ مِنْ بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَرْضٰى ﴾ (53 : 26)

۽ آسمانن ۾ ڪيترائي ملائڪ موجود آهن پر انهن جي سفارش ڪنهن به ڪم جي نه آهي جيستائين الله تعاليٰ انهن کي ڪنهن اهڙي شخص جي حق ۾ اجازت نه ڏئي جنهن جي لاءِ الله تعاليٰ سفارش ٻڌڻ چاهي ۽ سفارش پسند ڪري. (سورة نجم، آيت نمبر 26)

❁❁❁❁❁

# اَلشَّفَاعَـــةُ وَالْأَنْبِيَــآءُ

## شفاعت ۽ انبياء (عليهم السلام)

**مسئلو: 24** حضرت آدم، حضرت نوح، حضرت ابراهيم، حضرت موسيٰ حضرت عيسيٰ عليهم السلام پنهنجي سمورين فضيلتن جي باوجود قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي خوف کان شفاعت نہ ڪري سگهندا.

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 31

**مسئلو: 25** حضرت ابراهيم ﷺ قيامت جي ڏينهن پنهنجي پيءُ جي لاءِ سفارش ڪندو جنهن کي الله تعاليٰ رد ڪري ڇڏيندو.

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 12

**مسئلو: 26** حضرت نوح ﷺ الله تعاليٰ کان پنهنجي پٽ جي لاءِ سفارش ڪئي جنهن کي الله تعاليٰ رد ڪري ڇڏيو.

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 36

**مسئلو: 27** حضرت عيسيٰ ﷺ قيامت جي ڏينهن پنهنجي امت جي لاءِ ڊڄندي ڊڄندي وڏي عاجزي ۽ نماڻائي سان سفارش ڪندا.

﴿ اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَ اِنْ تَغْفِرْلَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴾ (118:5)

(اي الله) جيڪڏهن تون انهن کي سزا ڏين تہ اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن معاف ڪرين تہ تون غالب ۽ حڪمت وارو آهين.

(سورة مائدة، آيت نمبر 118)

**مسئلو: 28 رسول اڪرم ﷺ عبدالله بن ابي (منافق) جي جنازي جي نماز پڙهائي سفارش ڪئي ليڪن الله تعالى پاران ﷺ جي شفاعت قبول نہ ڪئي.**

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ لَمَّا تُوُفِّيَ عَبْدُاللّٰهِ بْنِ اُبَيٍّ جَاءَ ابْنُهُ عَبْدُ اللّٰهِ بْنُ عَبْدِ اللّٰهِ اِلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فَسَاَلَهُ اَنْ يُعْطِيَهُ قَمِيْصَهُ يُكَفِّنُ فِيْهِ اَبَاهُ فَاَعْطَاهُ ثُمَّ سَاَلَهُ اَنْ يُصَلِّيَ عَلَيْهِ فَقَامَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ لِيُصَلِّيَ عَلَيْهِ فَقَامَ عُمَرُ ؓ فَاَخَذَ بِثَوْبِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فَقَالَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ ! اَتُصَلِّيْ عَلَيْهِ وَ قَدْ نَهَاكَ رَبُّكَ اَنْ تُصَلِّيَ عَلَيْهِ ، فَقَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اِنَّمَا خَيَّرَنِيَ اللّٰهُ فَقَالَ اِسْتَغْفِرْلَهُمْ اَوْ لاَ تَسْتَغْفِرْلَهُمْ اِنْ تَسْتَغْفِرْلَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً وَ سَاَزِيْدُهُ عَلَى السَّبْعِيْنَ)) قَالَ : اِنَّهُ مُنَافِقٌ ، قَالَ : فَصَلّٰى عَلَيْهِ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ ﴿ وَ لاَ تُصَلِّ عَلٰى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَ لاَ تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ﴾ رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ(1)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ جڏهن عبدالله بن ابي (منافق) فوت ٿيو تہ ان جو پٽ عبدالله بن عبدالله بن ابي ؓ (جيڪو مخلص صحابي هو) رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پاڻ ﷺ کان (سندن) قميص عطا ڪرڻ جي درخواست ڪيائين تہ جيئن پنهنجي پيءُ کي ان ۾ ڪفن ڏئي سگهي. رسول اڪرم ﷺ پنهنجي قميص عطا ڪيس. پوءِ حضرت عبدالله ؓ درخواست ڪئي تہ اي الله جا رسول ﷺ منهنجي پيءُ جي جنازي جي نماز (بہ) پڙهايو. (پاڻ ﷺ نماز پڙهائڻ لاءِ اٿيا تہ) حضرت عمر ؓ جن سندن دامن پڪڙي بيهي رهيا ۽ عرض ڪيائون. "اي الله جا رسول ﷺ توهان هن (منافق) جي جنازي جي نماز پڙهو ٿا جڏهن تہ الله تعالى توهان کي هن جي جنازي جي نماز پڙهائڻ کان

1. كتاب التفسير ، باب قوله: استغفر لهم او لا تستغفر لهم حديث نمبر 4670

منع فرمائي آهي.“ رسول الله ﷺ فرمايو: ”الله تعاليٰ اُمون کي منع نہ ڪئي آهي بلڪ (اختيار ڏنو آهي ۽ ارشاد فرمايو آهي تہ تون خواہ انهن منافقن جي لاءِ دعا ڪرين يا نہ ڪرين. جيڪڏهن ستر دفعا بہ ڪندين تہ الله تعاليٰ انهن کي معاف نہ ڪندو. انهيءَ ڪري مان ستر مرتبن کان بہ وڌيڪ دعا گهرندس“. حضرت عمر ﷺ عرض ڪيو: ”اي الله جا رسول ﷺ هو تہ منافق هو“. (رسول اڪرم ﷺ حضرت عمر ﷺ جي ڳالهہ نہ مڃي ۽) عبدالله بن ابي جي جنازي جي نماز پڙهايائون. جنهن تي الله تعاليٰ آيت نازل فرمائي، تہ هنن منافقن مان ڪو مري وڃي تہ انهن تي ڪڏهن بہ نماز نہ پڙهجانءِ ۽ نہ ئي انهن جي قبرن تي (دعا جي لاءِ) بيهجانءِ.(84:9) (بخاري)

هن آيت مان اهو سمجهڻ ڪو مشڪل نہ آهي تہ نبي اڪرم جي رؤف الرحيم طبيعت هوندي ۽ بيحد حريص هجڻ جي باوجود الله ڪين آئنده لاءِ اهڙي جسارت ڪرڻ کان منع فرمايو.

❁❁❁❁

# شُرُوْطُ قُبُوْلِ الشَّفَاعَـــةِ

## شفاعت جي قبوليت جا شرط

**مسئلو 29** شفاعت جي قبوليت جي لاءِ ٽي شرط آهن:

(الف) (إِذْنُ اللّٰهِ لِلشَّفِيْعِ)

شفاعت ڪرڻ واري جي لاءِ الله تعاليٰ جي اجازت.

(ب) (إِذْنُ اللّٰهِ لِلْمَشْفُوْعِ)

شفاعت حاصل ڪرڻ واري جي لاءِ الله تعاليٰ جي اجازت.

(ت) (اَلْمَشْفُوْعُ يَجِبُ اَنْ يَكُوْنَ مُوَحِّدًا)

شفاعت حاصل ڪرڻ واري جو موحد هجڻ.

## إِذْنُ اللّٰهِ لِلشَّفِيْعِ

### (الف) شفاعت ڪرڻ وارن لاءِ الله تعاليٰ جي اجازت.

**مسئلو 30** انبياء، ملائڪ ۽ ايمان وارا الله تعاليٰ جي اجازت سان شفاعت ڪندا.

﴿مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ﴾ (255:2)

ڪير آهي جيڪو ان جي اڳيان، ان جي اجازت کان سواءِ سفارش ڪري سگهي. (سورة بقره، آيت نمبر 255)

﴿مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْ بَعْدِ اِذْنِهٖ﴾ (3:10)

ڪوبہ سفارش ڪرڻ وارو نہ آهي مگر اهو تہ ان جي اجازت سان سفارش ڪري. (سورة يونس، آيت نمبر 3)

﴿قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا﴾ (44:39)

(اي محمد ﷺ) چئي ڇڏ تہ سفارش (جي اجازت ڏيڻ جا اختيار) سڀ جا سڀ الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهن. (سورة زمر، آيت نمبر 44)

## مسئلو 31 سيد الانبياء حضرت محمد ﷺ بہ شفاعت ڪرڻ جي لاءِ پھريائين الله تعاليٰ کان اجازت طلب ڪندا.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ : أُتِيَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ بِلَحْمٍ فَرُفِعَ إِلَيْهِ الذِّرَاعُ وَ كَانَتْ تُعْجِبُهُ فَنَهَسَ مِنْهَا نَهْسَةً ثُمَّ قَالَ ((أَنَا سَيِّدُ النَّاسِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ هَلْ تَدْرُوْنَ مِمَّ ذٰلِكَ يَجْمَعُ اللّٰهُ النَّاسَ الْاَوَّلِيْنَ وَالْآخِرِيْنَ فِيْ صَعِيْدٍ وَاحِدٍ يُسْمِعُهُمُ الدَّاعِيْ وَ يَنْفُذُهُمُ الْبَصَرُ وَ تَدْنُو الشَّمْسُ فَيَبْلُغُ النَّاسَ مِنَ الْغَمِّ وَ الْكَرْبِ مَا لَا يُطِيْقُوْنَ وَ لَا يَحْتَمِلُوْنَ فَيَقُوْلُ النَّاسُ اَلَا تَرَوْنَ مَا قَدْ بَلَغَكُمْ اَلَا تَنْظُرُوْنَ مَنْ يَشْفَعُ لَكُمْ إِلٰى رَبِّكُمْ فَيَقُوْلُ بَعْضُ النَّاسِ لِبَعْضٍ عَلَيْكُمْ بِآدَمَ فَيَأْتُوْنَ آدَمَ عَلَيْهِ السَّلَامُ فَيَقُوْلُوْنَ لَهُ اَنْتَ اَبُو الْبَشَرِ خَلَقَكَ اللّٰهُ بِيَدِهٖ وَ نَفَخَ فِيْكَ مِنْ رُوْحِهٖ وَ اَمَرَ الْمَلٰئِكَةَ فَسَجَدُوْا لَكَ اِشْفَعْ لَنَا إِلٰى رَبِّكَ اَلَا تَرٰى إِلٰى مَا نَحْنُ فِيْهِ ؟ اَلَا تَرٰى إِلٰى مَا قَدْ بَلَغَنَا ؟ فَيَقُوْلُ آدَمُ إِنَّ رَبِّيْ قَدْ غَضِبَ الْيَوْمَ غَضَبًا لَمْ يَغْضَبْ قَبْلَهُ مِثْلَهُ وَ لَنْ يَغْضَبَ بَعْدَهُ مِثْلَهُ وَ إِنَّهُ قَدْ نَهَانِيْ عَنِ الشَّجَرَةِ فَعَصَيْتُهُ نَفْسِيْ نَفْسِيْ نَفْسِيْ اذْهَبُوْا إِلٰى غَيْرِيْ اذْهَبُوْا إِلٰى نُوْحٍ فَيَأْتُوْنَ نُوْحًا عَلَيْهِ السَّلَامُ فَيَقُوْلُوْنَ يَا نُوْحُ إِنَّكَ اَنْتَ اَوَّلُ الرُّسُلِ إِلٰى اَهْلِ الْاَرْضِ وَ قَدْ سَمَّاكَ اللّٰهُ عَبْدًا شَكُوْرًا اِشْفَعْ لَنَا إِلٰى رَبِّكَ اَلَا تَرٰى إِلٰى مَا نَحْنُ فِيْهِ ؟ فَيَقُوْلُ إِنَّ رَبِّيْ عَزَّوَجَلَّ قَدْ غَضِبَ الْيَوْمَ غَضَبًا لَمْ يَغْضَبْ قَبْلَهُ مِثْلَهُ وَ لَنْ يَغْضَبَ بَعْدَهُ مِثْلَهُ وَ إِنَّهُ قَدْ كَانَتْ لِيْ دَعْوَةٌ دَعَوْتُهَا عَلٰى قَوْمِيْ نَفْسِيْ نَفْسِيْ نَفْسِيْ اِذْهَبُوْا إِلٰى غَيْرِيْ اِذْهَبُوْا إِلٰى إِبْرَاهِيْمَ فَيَأْتُوْنَ إِبْرَاهِيْمَ عَلَيْهِ السَّلَامُ فَيَقُوْلُوْنَ يَا إِبْرَاهِيْمُ اَنْتَ نَبِيُّ اللّٰهِ وَ خَلِيْلُهُ مِنْ اَهْلِ الْاَرْضِ اِشْفَعْ لَنَا إِلٰى رَبِّكَ اَلَا تَرٰى إِلٰى مَا نَحْنُ فِيْهِ فَيَقُوْلُ لَهُمْ إِنَّ رَبِّيْ قَدْ غَضِبَ الْيَوْمَ غَضَبًا لَمْ يَغْضَبْ قَبْلَهُ مِثْلَهُ وَ لَنْ يَغْضَبَ بَعْدَهُ مِثْلَهُ وَ إِنِّيْ قَدْ كُنْتُ كَذَبْتُ ثَلَاثَ كَذِبَاتٍ نَفْسِيْ نَفْسِيْ نَفْسِيْ اِذْهَبُوْا إِلٰى غَيْرِيْ اذْهَبُوْا إِلٰى مُوْسٰى فَيَأْتُوْنَ مُوْسٰى عَلَيْهِ السَّلَامُ فَيَقُوْلُوْنَ يَا مُوْسٰى اَنْتَ رَسُوْلُ اللّٰهِ فَضَّلَكَ اللّٰهُ بِرِسَالَتِهٖ وَ بِكَلَامِهٖ عَلَى النَّاسِ اِشْفَعْ لَنَا إِلٰى رَبِّكَ اَلَا تَرٰى إِلٰى مَا نَحْنُ فِيْهِ ؟ فَيَقُوْلُ إِنَّ رَبِّيْ قَدْ غَضِبَ الْيَوْمَ غَضَبًا لَمْ يَغْضَبْ قَبْلَهُ مِثْلَهُ وَ لَنْ يَغْضَبَ بَعْدَهُ مِثْلَهُ وَ إِنِّيْ قَدْ قَتَلْتُ نَفْسًا لَمْ أُوْمَرْ بِقَتْلِهَا نَفْسِيْ نَفْسِيْ نَفْسِيْ اذْهَبُوْا إِلٰى غَيْرِيْ اِذْهَبُوْا إِلٰى عِيْسٰى

ابْنِ مَرْيَمَ فَيَأْتُونَ عِيْسٰى عَلَيْهِ السَّلَامُ فَيَقُوْلُوْنَ يَا عِيْسٰى أَنْتَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَكَلِمَتُهُ أَلْقَا
أَلْقَاهَا إِلٰى مَرْيَمَ وَرُوْحٌ مِنْهُ وَكَلَّمْتَ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ صَبِيًّا اشْفَعْ لَنَا إِلٰى رَبِّكَ أَلَا تَرٰى
إِلٰى مَا نَحْنُ فِيْهِ ؟ فَيَقُوْلُ عِيْسٰى إِنَّ رَبِّيْ قَدْ غَضِبَ الْيَوْمَ غَضَبًا لَمْ يَغْضَبْ قَبْلَهُ مِثْلَهُ قَطُّ
وَلَنْ يَغْضَبَ بَعْدَهُ مِثْلَهُ وَلَمْ يَذْكُرْ ذَنْبًا نَفْسِيْ نَفْسِيْ نَفْسِيْ اذْهَبُوْا إِلٰى غَيْرِيْ اذْهَبُوْا
إِلٰى مُحَمَّدٍ ﷺ فَيَأْتُوْنَ مُحَمَّدًا ﷺ فَيَقُوْلُوْنَ يَا مُحَمَّدُ ﷺ أَنْتَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَخَاتَمُ
الْأَنْبِيَاءِ وَقَدْ غَفَرَ اللّٰهُ لَكَ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَأَخَّرَ اشْفَعْ لَنَا إِلٰى رَبِّكَ أَلَا تَرٰى إِلٰى
مَا نَحْنُ فِيْهِ ؟ فَأَنْطَلِقُ فَآتِيْ تَحْتَ الْعَرْشِ فَأَقَعُ سَاجِدًا لِرَبِّيْ عَزَّوَجَلَّ ثُمَّ يَفْتَحُ اللّٰهُ عَلَيَّ
مِنْ مَحَامِدِهِ وَحُسْنِ الثَّنَاءِ عَلَيْهِ شَيْئًا لَمْ يَفْتَحْهُ عَلٰى أَحَدٍ قَبْلِيْ ثُمَّ يُقَالُ يَا مُحَمَّدُ ارْفَعْ
رَأْسَكَ سَلْ تُعْطَهْ وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (1)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اڪرم ﷺ جي لاءِ
گوشت آندو ويو جنهن مان پاڻ ﷺ کي دستي (ران) پيش ڪئي وئي
جيڪا پاڻ ﷺ کي پسند هئي. پاڻ ﷺ ان کي کائڻ شروع ڪيو ۽
فرمايائون، "قيامت جي ڏينهن مان ماڻهن جو سردار هوندس. ڇا توهان
کي خبر آهي تہ اهو ڇو ٿيندو؟ الله تعالیٰ ان ڏينهن اڳين پوين سڀني
ماڻهن کي هڪڙي هموار ميدان ۾ گڏ ڪندو. جتي پڪارڻ وارو انهن کي
پنهنجو آواز ٻڌائي سگهندو ۽ ڏسڻ وارو انهن سڀني کي ڏسي سگهندو.
سج ويجهو اچي ويندو ۽ ماڻهن کي ايتري تہ تڪليف ۽ پريشاني ٿيندي
جنهن جي اهي طاقت نہ رکندا ۽ نہ برداشت ڪري سگهندا. ماڻهو پاڻ ۾
چوندا. ڏسو! ڪهڙو نہ سخت وقت اچي پهتو آهي. ڪو اهڙو ماڻهو تلاش
ڪيو جيڪو توهان جي رب جي اڳيان سفارش ڪري سگهي. اهڙي طرح
هڪ ٻئي سان مشورو ڪرڻ کان پوءِ هو چوندا تہ توهان کي حضرت آدم
عليه السلام وٽ وڃڻ گهرجي. اهڙي طرح ماڻهو حضرت آدم عليه السلام وٽ ايندا ۽

1. كتاب التفسير، باب ذرية من حملنا مع نوح حديث نمبر 4712

چوندا تون ابوالبشر (يعني انسان ذات جو ابو) آهين الله تعاليٰ توکي پنهنجي هٿن سان ٺاهيو، پنهنجو روح ڦوکيو. ملائڪن کي حڪم ڏنو ۽ انهن توکي سجدو ڪيو. اڄ تون پنهنجي رب وٽ سفارش ڪر (تہ اسان جو حساب ڪتاب وٺي اسان کي حشر جي تڪليف کان ڇوٽڪارو ڏئي) تون ڏسين ٿو تہ اسان ڪيڏي نہ مصيبت ۾ مبتلا آهيون ۽ ڪهڙي حال کي پهتا آهيون؟ (1) حضرت آدم ﷺ چوندو، "اڄ منهنجو رب ايترو قدر ڪاوڙ ۾ آهي جو نہ ان کان اڳ ۾ ڪڏهن ايترو ڪاوڙ ۾ نہ هئو ۽ نہ هن کان پوءِ ٿيندو. مون کي الله تعاليٰ (جنت ۾) وڻ جي ويجهو وڃڻ کان منع ڪيو هو پر مان نافرماني ڪري ويٺس. مون کي (پاڻ) پنهنجي جان جو فڪر آهي. هاءِ! منهنجي جان، هاءِ! منهنجي جان (توهان ماڻهو) مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي وٽ وڃو، نوح (ﷺ) وٽ وڃو. ماڻهو نوح ﷺ وٽ اچي عرض ڪندا، "اي نوح! ﷺ توهان زمين وارن ڏانهن سڀ کان پهريان رسول هئا. الله تعاليٰ توهان کي شڪر گذار ٻانهو (عبداً شکوراً) سڏيو آهي. پنهنجي رب وٽ اسان جي سفارش ڪريو. توهان ڏسو نٿا تہ اسان جي ڪهڙي حالت ٿي رهي آهي؟" حضرت نوح ﷺ چوندو. "اڄ منهنجو رب ايتري تہ ڪاوڙ ۾ آهي جو هن کان اڳ ايتري ڪاوڙ ۾ ڪڏهن نہ آيو ۽ نہ ڪڏهن ايندو. (مون کان دنيا ۾ هي غلطي ٿي جو) مون پنهنجي قوم جي لاءِ بددعا ڪئي (۽ اها سموري جي سموري هلاڪ ۽ برباد ٿي وئي) انهيءَ ڪري اڄ مون کي (پاڻ) پنهنجي جان جو فڪر آهي. هاءِ منهنجي جان! هاءِ منهنجي جان! (توهان ماڻهو) مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي وٽ وڃو. ابراهيم (ﷺ) وٽ هليا وڃو". اهڙي طرح ماڻهو حضرت

---

1. ياد رهي تہ هڪ ٻي حديث ۾ ميدان حشر ۾ جنهن تڪليف جو ذڪر ڪيو ويو آهي اها هي آهي تہ سج هڪڙي ميل جي فاصلي تي هوندو ۽ ماڻهو پنهنجن پنهنجن گناهن جي مطابق پگهر ۾ ٻڏل هوندا. (مسلم)

حضرت ابوهريره ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "هر نبيءَ جي هڪڙي دعا اهڙي آهي جيڪا ضرور قبول ٿيندي آهي. هر نبي جلدي ڪئي ۽ (دنيا ۾ ئي) اها دعا گهري ڇڏي. جڏهن تہ مون پنهنجي دعا قيامت جي ڏينهن پنهنجي امت جي شفاعت جي لاءِ محفوظ رکي آهي. منهنجي هيءَ دعا هر ان ماڻهوءَ کي پهچندي جنهن الله سان ڪنهن کي شريڪ نہ ٺهرايو". (مسلم)

**مسئلو: 36** مشرڪ پٽ جي لاءِ حضرت نوح ﵇ جي سفارش رد ڪئي وئي.

﴿وَ نَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِيْ مِنْ اَهْلِيْ وَ اِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَ اَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ ۝ قَالَ يٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ فَلَا تَسْئَلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ اِنِّيْٓ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ۝ قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اَسْئَلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ وَ اِلَّا تَغْفِرْ لِيْ وَ تَرْحَمْنِيْٓ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ﴾ (11-45:47)

۽ نوح (﵇) پنهنجي رب کي درخواست ڪئي، "اي منهنجا رب! منهنجو پٽ منهنجي گهر وارن مان آهي ۽ تنهنجو واعدو سچو آهي. تون سڀني حاڪمن کان وڌو حاڪم آهين." جواب ۾ ارشاد ٿيو، "اهو تنهنجي گهر وارن مان نہ آهي. ان جو عمل غير صالح آهي پوءِ تون انهيءَ ڳالهہ جي مون کي درخواست نہ ڪر، جنهن ڳالهہ جي توکي خبر نہ آهي. مان نصيحت ٿو ڪريان تہ متان تون جاهلن مان ٿئين". نوح (﵇) هڪدم عرض ڪيو، "اي منهنجا رب! مان تنهنجي پناهہ ٿو گهران انهيءَ ڳالهہ کان تہ اهڙي ڳالهہ جو توکان سوال گهران جنهن جو مون کي علم نہ هجي. جيڪڏهن تو مون کي معاف نہ ڪيو ۽ مون تي رحم نہ ڪيو تہ مان برباد ٿي ويندس". (سورة هود، آيت نمبر 45-47)

❁❁❁❁❁

# اَلشَّافِعُــــوْنَ
# شفاعت ڪرڻ وارا

**مسئلو 37** سڀ کان پهريائين رسول اڪرم ﷺ شفاعت ڪندا.

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدٍ ﷛ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اَنَا سَيِّدُ وَلَدِ آدَمَ وَ لاَ فَخْرَ وَ اَنَا اَوَّلُ مَنْ تَنْشَقُّ الْاَرْضُ عَنْهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ لاَ فَخْرَ وَ اَنَا اَوَّلُ شَافِعٍ وَ اَوَّلُ مُشَفَّعٍ وَ لاَ فَخْرَ وَ لِوَاءُ الْحَمْدِ بِيَدِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ لاَ فَخْرَ)) رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (1) (صحيح)

حضرت ابو سعيد ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، قيامت جي ڏينهن مان بني آدم جو سردار هوندس. سڀ کان پهريائين منهنجي قبر ڦاٽندي ۽ مان اها ڳالھ فخر کان نٿو چوان (بلڪ حقيقت بيان ڪري رهيو آهيان) ان کان علاوه سڀ کان پهريائين مان سفارش ڪندس، سڀ کان پهريائين منهنجي سفارش قبول ڪئي ويندي ۽ ان جو ذڪر مان فخر جي طور تي نہ ڪري رهيو آهيان. قيامت جي ڏينهن حمد جو جهنڊو منهنجي هٿ ۾ هوندو ۽ مان اها ڳالھ فخر سان نٿو چوان.

(ابن ماجہ)

**وضاحت:** قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ هر هڪ نبيءَ کي جهنڊو عطا ڪندو جتهن جي هيٺان ان جي امت گڏ ٿيندي. سيد الانبياء حضرت محمد ﷺ جي جهنڊي جو نالو "حمد جو جهنڊو" (لواءِ الحمد) هوندو. جيڪو سڀني کان اعليٰ ۽ بلند هوندو. والله اعلم بالصواب!

**مسئلو 38** رسول اڪرم ﷺ جن جي شفاعت کان پوءِ ٻين انبياء اڪرام، ملائڪ ۽ مومن ماڻهو سفارش ڪندا.

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدِ نِ الْخُدْرِيِّ ﷛ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ

---

1. ڪتاب الزهد ، باب ذڪر الشفاعة (2: 3477) حديث نمبر 4308

تعاليٰ انهن گنهگارن جا چهرا دوزخ تي حرام ڪري ڇڏيندو. پوءِ جڏهن اهل ايمان اتي ايندا ته ڏسندا ته ڪجهه ماڻهو پيرن تائين باهه ۾ پڙل هوندا. ڪجهه ماڻهو اڌ پنين تائين باهه ۾ پڙل هوندا. پوءِ هي ماڻهو جنهن کي سڃاڻندا انهن کي ڪڍي ويندا. پوءِ الله جي اڳيان حاضر ٿيندا (۽ ٻيهر سفارش ڪندا) الله تعاليٰ فرمائيندو. "ڇگو وڃو. جنهن جي دل ۾ اڌ دينار جيترو ايمان ڏسو. ان کي ڪڍي اچو" (پوءِ هي ماڻهو ويندا ۽) جنهن جنهن کي سڃاڻندا ان کي ڪڍي ايندا. پوءِ الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا (۽ وري سفارش ڪندا) الله تعاليٰ فرمائيندو. "ڇگو وڃو. جنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ رائي جي برابر ايمان ڏسو ان کي به ڪڍي اچو." (پوءِ هي ماڻهو ويندا ۽) جنهن کي سڃاڻندا ان کي ڪڍي ايندا".

(بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 42** روزو ۽ قرآن به قيامت جي ڏينهن سفارش ڪندا.

عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ عَمْرٍو ﷺ اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ ((اَلصِّيَامُ وَالْقُرْآنُ يَشْفَعَانِ لِلْعَبْدِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يَقُوْلُ الصِّيَامُ اَيْ رَبِّ مَنَعْتُهُ الطَّعَامَ وَالشَّهْوَاتِ فَشَفِّعْنِيْ فِيْهِ وَيَقُوْلُ الْقُرْآنُ مَنَعْتُهُ النَّوْمَ بِاللَّيْلِ فَشَفِّعْنِيْ فِيْهِ ، قَالَ فَيُشَفَّعَانِ)) رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالطَّبَرَانِيُّ (1)

(صحيح)

حضرت عبدالله بن عمرو ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو روزو ۽ قرآن به قيامت جي ڏينهن ٻانهي جي لاءِ سفارش ڪندا. روزو چوندو. " اي منهنجا رب! مون هن ٻانهي کي کائڻ پيئڻ ۽ پنهنجي خواهشن پوري ڪرڻ کان روڪي رکيو. انهيءَ ڪري هن جي باري ۾ منهنجي سفارش قبول فرماءِ". قرآن چوندو. "اي منهنجا رب! مون هن بندي کي رات جو (قيام جي لاءِ) سمهڻ کان روڪي رکيو. انهي ڪري

1. صحيح الترغيب والترهيب للالباني رقم الحديث 973

جي لاءِ) سفارش ڪندي ايستائين جو ان کي بخشيو ويندو ۽ اها "سورة تَبَارَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ" آهي.

(احمد ترمذي، ابو دائود، نسائي ۽ ابن ماجه)

**مسئلو 45** دوزخ کان ٽي دفعا پناهه گهرڻ واري جي لاءِ دوزخ سفارش ڪندو.

**مسئلو 46** جنت لاءِ ٽي دفعا سوال گهرڻ واري جي لاءِ جنت سفارش ڪندي.

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِكٍ ﷺ قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ((مَنْ سَئَلَ اللّٰهَ الْجَنَّةَ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ قَالَتِ الْجَنَّةُ اَللّٰهُمَّ اَدْخِلْهُ الْجَنَّةَ ، وَمَنِ اسْتَجَارَ مِنَ النَّارِ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ قَالَتِ النَّارُ اَللّٰهُمَّ اَجِرْهُ مِنَ النَّارِ)) رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (1) (صحيح)

حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ ارشاد فرمايو، "جيڪو شخص الله تعاليٰ کان ٽي دفعا جنت گهري (ان جي حق ۾) جنت چوندي، "اي الله! هن کي جنت ۾ داخل فرماءِ" ۽ جيڪو شخص ٽي دفعا باهه کان پناهه گهرندو (ان جي حق ۾) باهه چوندي "اي الله! هن کي باهه کان بچاءِ". (ابن ماجه)

❁❁❁❁❁❁❁❁

# اَلْاَعْمَالُ الْمُوْجِبَةُ لِلشَّفَاعَــــةِ

# شفاعت حاصل ڪرڻ وارا عمل

**مسئلو: 47** بانگ ٻڌڻ ڪان پوءِ الله تعاليٰ ڪان رسول اڪرم ﷺ ڪي وسيلو ۽ مقام محمود عطا ڪرڻ جي دعا گهرڻ، پاڻ ﷺ جي شفاعت جو مستحق ٿاهي ٿي.

عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللّٰهِ رضي الله عنه اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ ((مَنْ قَالَ حِيْنَ يَسْمَعُ النِّدَاءَ اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّامَّةِ وَالصَّلاَةِ الْقَائِمَةِ آتِ مُحَمَّدَ نِ الْوَسِيْلَةَ وَالْفَضِيْلَةَ وَابْعَثْهُ مَقَامًا مَحْمُوْدَ نِ الَّذِيْ وَعَدْتَهُ حَلَّتْ لَهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (1)

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”جنهن شخص بانگ ٻڌي هي الفاظ چيا ”اي الله! هن (توحيد جي) مڪمل دعوت ۽ قائم ٿيڻ واري نماز جا رب! محمد ﷺ ڪي وسيلو، بزرگي ۽ مقام محمودعطا فرماءِ جنهن جو تو انهن سان واعدو فرمايو آهي“ تہ قيامت جي ڏينهن ان جي سفارش ڪرڻ منهنجي ذمي هوندي“. (بخاري)

**مسئلو: 48** ڏهہ دفعا صبح ۽ ڏهہ دفعا شام رسول اڪرم ﷺ تي درود موڪلڻ پاڻ ﷺ جي شفاعت جو مستحق ٿاهي ٿو.

عَنْ اَبِي الدَّرْدَاءِ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ للّٰهِ ﷺ ((مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ حِيْنَ يُصْبِحُ عَشْرًا وَ حِيْنَ يُمْسِيْ عَشْرًا اَدْرَكَتْهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ)) رَوَاهُ الطَّبْرَانِيُّ (2) (حسن)

حضرت ابودرداء رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”جنهن ڏهہ دفعا صبح ۽ ڏهہ دفعا شام جي وقت مون تي درود موڪليو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت حاصل ٿيندي“. (طبراني)

1. كتاب الاذان، باب الدعا عند النداء
2. صحيح الجامع الصغير للالباني ، رقم الحديث 2633

**مسئلو: 49** رمضان جا روزا رکڻ ۽ رمضان ۾ قيام ڪرڻ شفاعت جو باعث ٿيندو. ان شاء الله

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 42

**مسئلو: 50** ڪثرت سان نفل ادا ڪرڻ پاڻ ﷺ جي سفارش جو باعث ٿيندا. ان شاء الله

عَنْ رَبِيْعَةَ بْنِ كَعْبٍ الْاَسْلَمِيِّ ﷛ قَالَ كُنْتُ اَبِيْتُ مَعَ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فَأَتَيْتُهُ بِوَضُوْئِهِ وَ حَاجَتِهِ فَقَالَ لِيْ ((سَلْ)) فَقُلْتُ : اَسْأَلُكَ مُرَافَقَتَكَ فِي الْجَنَّةِ ، قَالَ ((اَوْ غَيْرَ ذٰلِكَ )) قُلْتُ : هُوَ ذَاكَ ، قَالَ (( فَاَعِنِّيْ عَلٰى نَفْسِكَ بِكَثْرَةِ السُّجُوْدِ )) رَوَاهُ مُسْلِمٌ(1)

حضرت ربيعہ بن ڪعب اسلمي ﷛ کان روايت آهي تہ مان رات جو رسول اڪرم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر رهندو هئس. پاڻ ﷺ جي لاءِ وضوءَ جو پاڻي ۽ ٻيون ضرورت جون شيون آڻيندو هئس (هڪ ڏينهن) پاڻ ﷺ فرمايو، "سوال ڪر!" مون عرض ڪيو تہ، "مان توهان ﷺ سان جنت ۾ گڏ رهڻ چاهيان ٿو". پاڻ ﷺ پڇيو، "ان کان سواءِ ڪجهہ ٻيو بہ چاهين ٿو؟" مون عرض ڪيو، "بس اهو ئي" پاڻ ﷺ ارشاد فرمايو، "پوءِ سجدن جي ڪثرت سان منهنجي مدد ڪر. (يعني ڪثرت سان نفل ادا ڪر تہ جيئن منهنجي لاءِ سفارش ڪرڻ آسان ٿئي)". (مسلم)

**مسئلو: 51** مديني منوره ۾ قيام ڪرڻ ۽ اتي پهچڻ واريون آزمائشون تي صبر ڪرڻ نبي اڪرم ﷺ جي شفاعت جو باعث ٿيندو. ان شاء الله.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ (( مَنْ صَبَرَ عَلٰى لَأْوَائِهَا كُنْتُ لَهُ شَفِيْعًا اَوْ شَهِيْدًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ )) رَوَاهُ مُسْلِمٌ(2)

---

1. مشكواة المصابيح، كتاب الصلاة، باب السجود و فضله، الفصل الاول
2. كتاب الحج، باب الترغيب و سكنى المدينة

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته. ”جنهن (مديني ۾ رهڻ دوران اچڻ وارين) مشڪلاتن ۽ مصيبتن تي صبر ڪيو، قيامت جي ڏينهن مان ان (جي ايمان) جي شاهدي ڏيندس يا فرمايائون سفارش ڪندس“ (مسلم)

**مسئلو: 52** قرآن مجيد جي ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ وارن جي لاءِ قرآن مجيد سفارش ڪندو.

عَنْ اَبِيْ اُمَامَةَ الْبَاهِلِيِّ ﷺ قَالَ : سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ ((اِقْرَءُ وْا الْقُرْآنَ فَإِنَّهُ يَأْتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ شَفِيْعًا لِاَصْحَابِهِ )) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (1)

حضرت ابو امام باهلي ﷺ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته. ”قرآن پڙهندا ڪريو، اهو قيامت جي ڏينهن پنهنجي پڙهڻ وارن جي لاءِ سفارشي ٿي ايندو“. (مسلم)

**مسئلو: 53** سورة ملڪ پنهنجي پڙهڻ وارن جي لاءِ سفارش ڪندي.

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 44

**مسئلو: 54** سورة بقرة ۽ سورة آل عمران پنهنجي پڙهڻ وارن جي لاءِ سفارش ڪنديون.

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 43

**مسئلو: 55** جيڪو شخص الله تعاليٰ کان ٽي دفعا جنت جو سوال ڪندو ان جي لاءِ جنت سفارش ڪندي.

**مسئلو: 56** جيڪو شخص ٽي دفعا دوزخ کان الله تعاليٰ جي پناهه گهرندو ان جي لاءِ دوزخ سفارش ڪندي.

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 45 ۽ 46

---

1. ڪتاب الفضائل القرآن، باب فضل قراة القرآن و سورة البقرة

# اَلْمَحْرُوْمُوْنَ مِنَ الشَّفَاعَـــةِ

# شفاعت کان محروم ماڻهو

**مسئلو: 57** شرڪ جي عقيدي تي مرڻ وارا پاڻ ﷺ جي شفاعت کان محروم رهندا.

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 12

**مسئلو: 58** جيڪو ماڻهو رسول اڪرم ﷺ جي شفاعت کان انڪار ڪندو اهو پاڻ ﷺ جي شفاعت کان محروم رهندو.

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِكٍ ﷺ قَالَ : مَنْ كَذَّبَ بِالشَّفَاعَةِ فَلَيْسَ لَهُ نَصِيْبٌ فِيْهَا. رَوَاهُ سَعِيْدُ بْنُ مَنْصُوْرٍ (1)

حضرت انس بن مالڪ ﷺ فرمائين ٿا ته جنهن شفاعت کي ڪوڙ سمجهيو ان کي شفاعت نصيب نه ٿيندي. (سعيد بن منصور)

❁❁❁❁❁

# مَنْ هُوَ الْمَاذُوْنُ مِنَ الشَّفَاعَـــةِ؟

## شفاعت جي اجازت ڪنهن کي ملندي؟

**مسئلو: 59** تبين ۽ ملائڪن کان سواءِ شفاعت جي اجازت ڪنهن کي ملندي، ان جو علم الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن کي نه آهي.

**مسئلو: 60** ڪنهن ماڻهو کي پنهنجي طور تي شهيد، عالم يا ولي قرار ڏئي ان کي الله وٽ پنهنجو سفارشي سمجهڻ درست نه آهي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ (( إِنَّ أَوَّلَ النَّاسِ يُقْضٰى يَوْمَ الْقِيَامَةِ عَلَيْهِ رَجُلٌ اسْتُشْهِدَ فَأُتِيَ بِهٖ فَعَرَّفَهُ نِعْمَهُ فَعَرَفَهَا قَالَ فَمَا عَمِلْتَ فِيْهَا قَالَ قَاتَلْتُ فِيْكَ حَتّٰى اسْتُشْهِدْتُ قَالَ كَذَبْتَ وَ لٰكِنَّكَ قَاتَلْتَ لِاَنْ يُقَالَ جَرِيْءٌ فَقَدْ قِيْلَ ثُمَّ أُمِرَ بِهٖ فَسُحِبَ عَلٰى وَجْهِهٖ حَتّٰى أُلْقِيَ فِي النَّارِ وَ رَجُلٌ تَعَلَّمَ الْعِلْمَ وَ عَلَّمَهُ وَ قَرَأَ الْقُرْآنَ فَأُتِيَ بِهٖ فَعَرَّفَهُ نِعْمَهُ فَعَرَفَهَا قَالَ فَمَا عَمِلْتَ فِيْهَا قَالَ تَعَلَّمْتُ الْعِلْمَ وَ عَلَّمْتُهُ وَ قَرَأْتُ فِيْكَ الْقُرْآنَ قَالَ كَذَبْتَ وَ لٰكِنَّكَ تَعَلَّمْتَ الْعِلْمَ لِيُقَالَ اِنَّكَ عَالِمٌ وَ قَرَأْتَ الْقُرْآنَ لِيُقَالَ هُوَ قَارِئٌ فَقَدْ قِيْلَ ثُمَّ اُمِرَ بِهٖ فَسُحِبَ عَلٰى وَجْهِهٖ حَتّٰى أُلْقِيَ فِي النَّارِ وَ رَجُلٌ وَسَّعَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اَعْطَاهُ مِنْ اَصْنَافِ الْمَالِ كُلِّهٖ فَأُتِيَ بِهٖ فَعَرَّفَهُ نِعْمَهُ فَعَرَفَهَا قَالَ فَمَا عَمِلْتَ فِيْهَا قَالَ مَا تَرَكْتُ مِنْ سَبِيْلٍ تُحِبُّ اَنْ يُنْفَقَ فِيْهَا اِلاَّ اَنْفَقْتُ فِيْهَا لَكَ قَالَ كَذَبْتَ وَ لٰكِنَّكَ فَعَلْتَ لِيُقَالَ هُوَ جَوَادٌ فَقَدْ قِيْلَ ثُمَّ أُمِرَ بِهٖ فَسُحِبَ عَلٰى وَجْهِهٖ ثُمَّ أُلْقِيَ فِي النَّارِ )) رَوَاهُ مُسْلِمٌ(1)

---

1. كتاب الامارة ، باب من قاتل للرياء استحق النار

توهان جي شفاعت حاصل ڪري ۽ ان مان ڪري". پاڻ ﷺ ارشاد فرمايو.
"منهنجي شفاعت (امت جي) هر مسلمان جي لاءِ هوندي". (ابن ماجه)

عَنْ عَوْفِ بْنِ مَالِكٍ الْأَشْجَعِيُّ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((أَتَانِي آتٍ مِنْ عِنْدِ رَبِّي فَخَيَّرَنِي بَيْنَ أَنْ يُدْخِلَ نِصْفَ أُمَّتِي الْجَنَّةَ وَ بَيْنَ الشَّفَاعَةِ فَاخْتَرْتُ الشَّفَاعَةَ وَهِيَ لِمَنْ مَاتَ لَا يُشْرِكُ بِاللّٰهِ شَيْئًا)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ(1) (صحيح)

حضرت عوف بن مالڪ اشجعي رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو. "منهنجي رب جي طرف کان هڪ ايندڙ وارو مون وٽ آيو (يعني جبرائيل عليه السلام) ۽ مون کي اختيار ڏنائين ته چاهيان ته اڌ امت جنت ۾ داخل ڪئي ۽ چاهيان ته شفاعت ڪريان. مون شفاعت پسند ڪئي آهي ۽ منهنجي شفاعت هر انهيءَ شخص جي لاءِ آهي جنهن مرڻ گهڙيءَ تائين ڪنهن کي الله جو شريڪ نه ٺهرايو هجي (يعني شرڪ نه ڪيو هجي)".
(ترمذي)

# اَلْمَــــقَامُ الْمَحْمُــــوْدُ

## مقام محمود

**مسئلو: 62** "مقام محمود" شفاعت جو اهو اعليٰ ترين مرتبو آهي جنهن تي قيامت جي ڏينهن رسول اڪرم ﷺ فائز ڪيندا.

﴿ وَ مِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ عَسٰۤى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا﴾ (79:17)

۽ رات جو تهجد ادا ڪر هي تنهنجي لاءِ اضافي عبادت آهي. اميد آهي ته (انهيءَ جي ڪري) تنهنجو رب توکي مقام محمود تي فائز (مقرر) فرمائي. (سورة بني اسرائيل، آيت نمبر 79)

عَنْ كَعْبِ بْنِ مَالِكٍ ﷺ عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ ((إِذَا كَانَ يَوْمُ الْقِيَامَةِ كُنْتُ أَنَا وَ أُمَّتِيْ عَلٰى تَلٍّ فَيَكْسُوْنِيْ حُلَّةً خَضْرَاءَ ثُمَّ يَأْذَنُ لِيْ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى أَنْ أَقُوْلَ مَا شَاءَ اللّٰهُ أَقُوْلُ وَ ذٰلِكَ الْمَقَامُ الْمَحْمُوْدُ)) رَوَاهُ الْحَاكِمُ (1) (صحيح)

حضرت ڪعب بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ فرمايو، "قيامت جي ڏينهن مان ۽ منهنجي امت هڪ دڙي تي بيٺا هونداسون. الله تعاليٰ مون کي سائي رنگ جو قيمتي لباس عطا فرمائيندو. پوءِ الله تعاليٰ مون کي ڳالهائڻ جي اجازت عطا فرمائيندو ۽ جيڪي ڪجهه الله تعاليٰ چاهيندو مان عرض ڪندس، اهوئي مقام محمود آهي". (حاڪم)

**مسئلو: 63** الله تعاليٰ جي جلال ۽ غضب جي خوف کان جڏهن وڏا وڏا نبي سڳورا سفارش ڪرڻ کان انڪار ڪندا ته ان وقت

---

1. ڪتاب السنة، للالباني، رقم الحديث 785

**حضرت محمد ﷺ "مقام محمود" حاصل هجڻ جي ڪري الله تعاليٰ جي پر جلال بارگاهه ۾ سفارش ڪرڻ جي همت ڪري سگهندا.**

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 31

**مسئلو: 64** **"مقام محمود" اڳين ۽ پوين سڀني ماڻهن جي لاءِ قابل رشڪ هوندو.**

قَالَ حُذَيْفَةُ ﷺ فَذٰلِكَ الْمَقَامُ الْمَحْمُوْدُ الَّذِىْ يَغْبِطُهُ الْأَوَّلُوْنَ وَالْآخِرُوْنَ .

رَوَاهُ الْبَزَّارُ(1) (صحيح)

**حضرت حذيفه ﷺ فرمائين ٿا ته مقام محمود تي اڳيان ۽ پويان (يعني) سڀ ماڻهو ريس (يعني آرزو) ڪندا. (بزار)**

❋❋❋❋❋

1. كتاب السنة للالباني ، رقم الحديث 789

# أَنْــوَاعُ الشَّــفَاعَــةِ

## شفاعت جا قسم

**مسئلو: 65** شفاعت جا هيٺيان ڇهه قسم آهن:

1. اَلشَّفَاعَةُ الْكُبْرٰى

شفاعت ڪبري يا شفاعت عظميٰ.

2. اَلشَّفَاعَةُ لِدُخُوْلِ الْجَنَّةِ

جنت ۾ داخل ڪرڻ جي لاءِ سفارش.

3. اَلشَّفَاعَةُ لِاَصْحَابِ الْأَعْرَافِ

اصحاب اعراف جي لاءِ سفارش.

4. اَلشَّفَاعَةُ لِاَهْلِ الْكَبَائِرِ

ڪبيره گناهن ڪرڻ وارن جي لاءِ سفارش.

5. اَلشَّفَاعَةُ لِرَفْعِ الدَّرَجَاتِ فِي الْجَنَّةِ

جنت ۾ درجات جي بلندي جي لاءِ سفارش.

6. اَلشَّفَاعَةُ لِتَخْفِيْفِ الْعَذَابِ فِي النَّارِ

دوزخ جي عذاب گهٽائڻ جي لاءِ سفارش.

**وضاحت:** شفاعت جي مٿي ذڪر ڪيل سمورن قسمن جو تفصيل ايندڙ بابن ۾ پڙهندا.

# 1. اَلشَّفَاعَةُ الْكُبْرٰى

## شفاعت ڪبري

**مسئلو: 66** شفاعت ڪبري صرف سيد الانبياء حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي لاءِ مخصوص آهي.

عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللّٰهِ ﷛ اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَالَ ((أُعْطِيْتُ خَمْسًا لَمْ يُعْطَهُنَّ اَحَدٌ قَبْلِيْ نُصِرْتُ بِالرُّعْبِ مَسِيْرَةَ شَهْرٍ وَ جُعِلَتْ لِيَ الْأَرْضُ مَسْجِدًا وَ طَهُوْرًا فَأَيُّمَا رَجُلٍ مِنْ أُمَّتِيْ اَدْرَكَتْهُ الصَّلَاةُ فَلْيُصَلِّ وَ اُحِلَّتْ لِيَ الْمَغَانِمُ وَ لَمْ تَحِلَّ لِأَحَدٍ قَبْلِيْ وَ اُعْطِيْتُ الشَّفَاعَةَ وَ كَانَ النَّبِيُّ ا يُبْعَثُ إِلٰى قَوْمِهٖ خَاصَّةً وَ بُعِثْتُ إِلَى النَّاسِ عَامَّةً)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (1)

حضرت جابر بن عبدالله ﷛ کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ فرمايو، ”مون کي پنج اهڙيون شيون عطا ڪيون ويون آهن جيڪي مون کان اڳ ڪنهن بئي (پيغمبر) کي نه ڏنيون ويون آهن. (1) هڪ مهيني جي مسافت کان (دشمن تي) رعب سان منهنجي مدد ڪئي وئي آهي. (2) سڄي زمين منهنجي لاءِ مسجد (يعني نماز پڙهڻ جي جاءِ) ٺاهي وئي آهي ۽ پاڪ ڪرڻ واري ٺاهي وئي آهي. انهيءَ ڪري منهنجي امت جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي جتي به نماز جو وقت اچي اتي (نماز) پڙهي ڇڏي. (3) غنيمت جو مال منهنجي لاءِ حلال قرار ڏنو ويو آهي جڏهن ته مون کان اڳ ڪنهن به پيغمبر جي لاءِ حلال قرار نه ڏنو ويو هو. (4) مون کي شفاعت (جي اجازت) ڏني ويندي. (5) (مون کان اڳ) هر نبي پنهنجي قوم ڏانهن موڪليو ويندو هو جڏهن ته مان سڄي دنيا جي ماڻهن ڏانهن موڪليو ويو آهيان. (بخاري)

---

1. ڪتاب التيمم، باب ۱، حديث نمبر 335

۾ کنهن جي لاءِ بہ دروازو نہ کوليان". (مسلم)

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ ؓ قَالَ : قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ ((أَنَا أَكْثَرُ الْأَنْبِيَاءِ تَبَعًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَأَنَا أَوَّلُ مَنْ يَقْرَعُ بَابَ الْجَنَّةِ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ(1)

**حضرت انس بن مالڪ ؓ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم ﷺ فرمايو، "قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ منهنجا امتي هوندا ۽ مان سڀني کان پهريائين جنت جو دروازو کڙڪائيندس". (مسلم)**

# 3. اَلشَّفَاعَةُ لِاَصْحَابِ الْأَعْرَافِ

## اصحاب اعراف جي لاءِ سفارش

**مسئلو: 70 جن ماڻهن جون نيڪيون ۽ برايون هڪ جيتريون هونديون اهي بہ نبي اڪرم ﷺ جي سفارش سان جنت ۾ داخل ٿيندا.**

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ السَّابِقُ يَدْخُلُ الْجَنَّةَ بِغَيْرِ حِسَابٍ وَالْمُقْتَصِدُ بِرَحْمَةِ اللّٰهِ وَالظَّالِمُ لِنَفْسِهِ وَأَصْحَابُ الْأَعْرَافِ يَدْخُلُونَهَا بِشَفَاعَةِ النَّبِيِّ ﷺ رَوَاهُ الطَّبَرَانِي(2)

**حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ "نيڪي ۾ اڳرائي ڪرڻ وارا بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿيندا. (يعني سٺي ۽ خراب) ملندڙ جلندڙ عمل وارا ۽ گنهگار ماڻهو الله تعالىٰ جي رحمت سان جنت ۾ داخل ٿيندا. جڏهن تہ اصحاب اعراف نبي اڪرم ﷺ جي سفارش سان جنت ۾ داخل ٿيندا. (طبراني)**

1. كتاب الايمان ، باب اثبات الشفاعة
2. فتح الباري، كتاب الرقاق، باب صفة الجنة والنار (425/11)

**مسئلو: 72** پاڻ ﷺ جي شفاعت جي نتيجي ۾ پهريائين اهي ڪبيره گناهن وارا ماڻهو دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا جن جي دل ۾ جُو جي برابر ايمان هوندو.

**مسئلو: 73** شفاعت جي ٻئي مرحلي ۾ امت محمديہ ﷺ جا اهي ڪبيره گناهن وارا ماڻهو دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا جن جي دل ۾ ڪول (ماڪوڙي) يا رائي جي داڻي جي برابر ايمان هوندو.

**مسئلو: 74** ان ڪان پوءِ پاڻ ﷺ جي شفاعت سان امت محمديہ ﷺ جا اهي ڪبيره گناهن جا ڏوهاري ماڻهو دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا جن جي دل ۾ ماڪوڙي يا رائي جي داڻي کان بہ گهٽ ايمان هوندو.

**مسئلو: 75** دوزخ مان نڪرڻ جو سڄو دارومدار عقيدي ۽ ايمان تي هوندو.

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِكٍ ﷺ فِيْ حَدِيْثِ الشَّفَاعَةِ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((فَاَسْتَأْذِنُ عَلٰى رَبِّيْ فَيُؤْذَنُ لِيْ وَ يُلْهِمُنِيْ مَحَامِدَ اَحْمَدُهُ بِهَا لَا تَحْضُرُنِيْ الْآنَ ، فَاَحْمَدُهُ بِتِلْكَ الْمَحَامِدِ وَ اَخِرُّ لَهُ سَاجِدًا فَيُقَالُ : يَا مُحَمَّدُ ﷺ اِرْفَعْ رَاْسَكَ وَ قُلْ يُسْمَعْ لَكَ وَ سَلْ تُعْطَهْ ، وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ ، فَأَقُوْلُ يَا رَبِّ اُمَّتِيْ اُمَّتِيْ ! فَيُقَالُ : اِنْطَلِقْ فَاَخْرِجْ مَنْ كَانَ فِيْ قَلْبِهِ مِثْقَالُ شَعِيْرَةٍ مِنْ اِيْمَانٍ فَأَنْطَلِقُ فَأَفْعَلُ ثُمَّ اَعُوْدُ فَأَحْمَدُهُ بِتِلْكَ الْمَحَامِدِ ، ثُمَّ اَخِرُّ لَهُ سَاجِدًا ، فَيُقَالُ : يَا مُحَمَّدُ ! اِرْفَعْ رَاْسَكَ ، وَ قُلْ يُسْمَعْ لَكَ وَ سَلْ تُعْطَهْ ، وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ ، فَأَقُوْلُ يَا رَبِّ اُمَّتِيْ اُمَّتِيْ فَيُقَالُ اِنْطَلِقْ فَاَخْرِجْ مِنْهَا مَنْ كَانَ فِيْ قَلْبِهِ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ اَوْ خَرْدَلَةٍ مِنْ اِيْمَانٍ ، فَأَنْطَلِقُ فَأَفْعَلُ ، ثُمَّ اَعُوْدُ فَأَحْمَدُهُ بِتِلْكَ الْمَحَامِدِ ثُمَّ اَخِرُّ لَهُ سَاجِدًا فَيُقَالُ لِيْ يَا مُحَمَّدُ اِرْفَعْ رَاْسَكَ وَ قُلْ يُسْمَعْ لَكَ وَ سَلْ تُعْطَهْ وَاشْفَعْ

تُشَفَّعْ فَأَقُوْلُ يَا رَبِّ أُمَّتِيْ أُمَّتِيْ فَيُقَالُ انْطَلِقْ فَأَخْرِجْ مِنْهَا مَنْ كَانَ فِيْ قَلْبِهِ اَدْنٰى اَدْنٰى اَدْنٰى مِثْقَالَ حَبَّةٍ خَرْدَلٍ مِنْ إِيْمَانٍ فَأَخْرِجْهُ مِنَ النَّارِ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (1)

حضرت انس بن مالڪ ﷺ حديث شفاعت بيان ڪندي فرمائين ٿا تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "پوءِ مان پنهنجي رب ڪان حاضري جي اجازت گهرندس. مون کي اجازت ڏني ويندي. ان وقت الله تعاليٰ مون کي پنهنجي حمد ۽ ثنا جا اهي الفاظ سيکاريندو جيڪي هن وقت مان نٿو ڄاڻان. مان انهن الفاظن سان ان جي حمد ۽ ثنا بيان ڪندس ۽ سجدي ۾ ڪري پوندس. ارشاد ٿيندو، "اي محمد ﷺ! پنهنجو مٿو کڻ! ڳالهہ ڪر ٻڌي ويندي، سوال ڪر پورو ڪيو ويندو، سفارش ڪر مڃي ويندي. مان عرض ڪندس تہ اي منهنجا رب! منهنجي امت! منهنجي امت! ارشاد ٿيندو، وڃ ۽ دوزخ مان انهن ماڻهن کي ڪڍي اچ جن جي دل ۾ جو (اجي داڻي) جي برابر ايمان آهي. مان ويندس ۽ ائين ئي ڪندس. وري پيهر الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندس ۽ انهن لفظن سان الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪندس ۽ سجدي ۾ ڪري پوندس. ارشاد ٿيندو، اي محمد ﷺ! مٿو کڻ ڳالهہ ڪر، ٻڌي ويندي، سوال ڪر، ڏنو ويندين، سفارش ڪر، قبول ڪئي ويندي. مان چوندس، اي منهنجا رب! منهنجي امت، منهنجي امت! ارشاد ٿيندو، "وڃ انهن ماڻهن کي دوزخ مان ڪڍي اچ جن جي دل ۾ ڪڻڪ يا رائي (اجي داڻي) جي برابر ايمان آهي". مان ويندس ۽ ائين ئي ڪندس. پوءِ (ٽيون دفعو) الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندس ۽ انهن حمد جي لفظن سان الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪندس ۽ سجدي ۾ ڪري پوندس. ارشاد ٿيندو، اي محمد ﷺ! پنهنجو مٿو کڻ ڳالهہ ڪر، ٻڌي ويندي، سوال ڪر، ڏنو ويندين، سفارش ڪر قبول ڪئي

1. اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم 119

# 6. اَلشَّفَاعَةُ لِتَخْفِيْفِ الْعَذَابِ فِي النَّارِ

## دوزخ جي عذاب گهٽائڻ لاءِ سفارش

**مسئلو 81** جن ڪافرن رسول اڪرم ﷺ تي دنيا ۾ ڪو احسان ڪيو هو. انهن جي لاءِ رسول اڪرم ﷺ سفارش ڪندا جنهن جي ڪري انهن جي عذاب ۾ ڪمي ڪئي ويندي.

عَنْ أَبِيْ سَعِيْدِ نِ الْخُدْرِيِّ ﷺ أَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ ذُكِرَ عِنْدَهُ عَمُّهُ أَبُوْ طَالِبٍ فَقَالَ ((لَعَلَّهُ تَنْفَعُهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فَيُجْعَلُ فِيْ ضَحْضَاحٍ مِنْ نَارٍ يَبْلُغُ كَعْبَيْهِ يَغْلِيْ مِنْهُ دِمَاغُهُ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (1)

حضرت ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم ﷺ وٽ سندن چاچي ابو طالب جو ذڪر ڪيو ويو تہ پاڻ ﷺ فرمايو، "اميد آهي تہ منهنجي سفارش سان قيامت جي ڏينهن ان کي فائدو ڪيندو ۽ ان کي هلڪي باهہ ۾ رکيو ويندو جيڪا ان جي ٽخنن (مرين) تائين هوندي ۽ ان سان ان جو دماغ ٽهڪي رهيو هوندو". (مسلم)

❁❁❁❁❁❁❁❁❁

1. كتاب الايمان، باب شفاعة النبي، لا بي طالب

# شَــــفَاعَــــةُ مُحَمَّدٍ ﷺ لِأُمَّتِهِ فِي الدُّنْيَا

## حضرت محمد ﷺ جي دنيا ۾ پنهنجي امت جي لاءِ سفارش

مسئلو: 85 رسول اڪرم ﷺ جن دنيا ۾ الله تعاليٰ کي پنهنجي امت جي لاءِ سفارش ڪئي.

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ عَمْرِو بْنِ الْعَاصِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ تَلاَ قَوْلَ اللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ فِيْ إِبْرَاهِيْمَ ﴿ رَبِّ إِنَّهُنَّ أَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَإِنَّهُ مِنِّيْ وَ مَنْ عَصَانِيْ فَإِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴾ اَلْآيَةَ (14 : 36 ) وَ قَالَ عِيْسٰى عَلَيْهِ السَّلاَمُ ﴿ إِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَإِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَ إِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَإِنَّكَ أَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴾ (5 : 118 ) فَرَفَعَ يَدَيْهِ وَ قَالَ ((اَللّٰهُمَّ أُمَّتِيْ أُمَّتِيْ )) وَ بَكٰى فَقَالَ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ يَا جِبْرِيْلُ اذْهَبْ إِلٰى مُحَمَّدٍ وَ رَبُّكَ أَعْلَمُ فَسَلْهُ مَا يُبْكِيْكَ فَأَتَاهُ جِبْرِيْلُ عَلَيْهِ السَّلاَمُ فَسَأَلَهُ فَأَخْبَرَهُ رَسُوْلُ اللّٰهِ بِمَا قَالَ وَ هُوَ أَعْلَمُ فَقَالَ اللّٰهُ يَا جِبْرِيْلُ اذْهَبْ إِلٰى مُحَمَّدٍ فَقُلْ إِنَّا سَنُرْضِيْكَ فِيْ أُمَّتِكَ وَ لاَ نَسُوْءُكَ )) رَوَاهُ مُسْلِمٌ(1)

حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول اڪرم ﷺ اها آيت پڙهي جنهن ۾ حضرت ابراهيم ﷺ جو قول آهي ته "اي رب! هنن بتن تمام گهڻن ماڻهن کي گمراهه ڪيو آهي. پوءِ جيڪو منهنجي پيروي ڪري اهو مون مان آهي ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي ته تون بخشڻ وارو مهربان آهين". (سورة ابراهيم، آيت نمبر 36 )

---

1. ڪتاب الايمان، باب اثبات الشفاعة واخراج الموحدين من النار

۽ پوءِ هيءَ آيت پڙهيائون جنهن ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام جو قول آهي تہ ”جيڪڏهن تون هنن تي عذاب ڪرين تہ هي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن معاف ڪرين تہ بيشڪ تون غالب ۽ حڪمت وارو آهين“. (سورة مائدة، آيت نمبر 118) پوءِ پاڻ ﷺ ٻئي هٿ مٿي ڪنيا ۽ فرمايو، ”اي الله! منهنجي امت!“ ۽ روئڻ لڳا. الله عزوجل حضرت جبرائيل عليه السلام کي حڪم ڏنو، ”اي جبرائيل حضرت محمد ﷺ وٽ وڃ ۽ پڇينس تہ توهان ڇو ٿا روئو؟ ۽ تنهنجو رب تہ ڄاڻي ٿو، اهي ڇو ٿا روئن“. تنهنڪري جبرائيل عليه السلام آيو ۽ پڇيائون، ”توهان ڇو ٿا روئو؟“ پوءِ جبرائيل عليه السلام (واپس وڃي) الله تعاليٰ کي ٻڌايو. حالانڪ الله تعاليٰ (پهرئين ئي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو) تڏهن الله عزوجل ارشاد فرمايو، ”اي جبرائيل! محمد ﷺ وٽ وڃ ۽ چوينس تہ اسان توکي تنهنجي امت جي باري ۾ خوش ڪري ڇڏينداسين ۽ ناراض تہ ڪنداسين“. (مسلم)

# اَلشَّــفَاعَــةُ وَحَسْرَةُ الْـــكَافِرِيْنَ
# شفاعت ۽ ڪافرن جي حسرت

**مسئلو: 86** گنهگار مسلمانن کي دوزخ مان نڪرندو ڏسي ڪافر حسرت مان چوندا. "ڪاش! اسان بہ مسلمان هجون ها!"

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ مَا يَزَالُ اللّٰهُ يَشْفَعُ وَ يُدْخِلُ الْجَنَّةَ وَ يَرْحَمُ وَ يَشْفَعُ حَتّٰى يَقُوْلَ مَنْ كَانَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ فَلْيَدْخُلِ الْجَنَّةَ فَذَاكَ حِيْنَ يَقُوْلُ ﴿رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ كَانُوْا مُسْلِمِيْنَ﴾ (2:15) رَوَاهُ الْحَاكِمُ(1) (صحيح)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمائين ٿا الله تعاليٰ لڳاتار شفاعت جي ذريعي مسلمانن کي (دوزخ مان ڪڍي) جنت ۾ داخل ڪندو رهندو. الله تعاليٰ مسلسل (مسلمانن تي) پنهنجو فضل ۽ ڪرم فرمائيندو رهندو. ايستائين جو الله تعاليٰ فرمائيندو. جيڪو بہ ڪو مسلمان آهي ان کي جنت ۾ داخل ڪريو. اهو آهي اهو وقت جنهن جي باري ۾ ارشاد مبارڪ آهي. "هڪڙو وقت ايندو جڏهن ڪافر پڇتائي پڇتائي چوندا ڪاش! اسين مسلمان هجون ها". (سورة حجرات. آيت نمبر 2) (حاڪم)

**مسئلو: 87** دوزخ ۾ مشرڪ مسلمانن کي طعنو ڏيندا تہ توهان جو عقيدو توحيد ڪنهن ڪم نہ آيو. ان وقت الله تعاليٰ موحدين کي دوزخ مان آزاد ڪري ڇڏيندو.

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِكٍ ﷺ فِيْ حَدِيْثِ الشَّفَاعَةِ ، قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((وَ فَرَغَ اللّٰهُ مِنْ حِسَابِ النَّاسِ وَ اَدْخَلَ مَنْ بَقِيَ مِنْ اُمَّتِيَ النَّارَ مَعَ اَهْلِ النَّارِ ، فَيَقُوْلُ اَهْلُ النَّارِ : مَا اَغْنٰى عَنْكُمْ اَنَّكُمْ تَعْبُدُوْنَ اللّٰهَ عَزَّوَجَلَّ لاَ تُشْرِكُوْنَ بِهٖ شَيْئًا؟ فَيَقُوْلُ الْجَبَّارُ عَزَّوَجَلَّ فَبِعِزَّتِيْ لَاُعْتِقَنَّهُمْ مِنَ النَّارِ ، فَيُرْسِلُ اِلَيْهِمْ فَيُخْرَجُوْنَ وَ قَدِ امْتُحِشُوْا فَيَدْخُلُوْنَ

1. كتاب السنة ، للالباني ، رقم الصفحة 392

فِيْ نَهْرِ الْحَيَاةِ ، فَيَنْبُتُوْنَ فِيْهِ كَمَا تُنْبِتُ الْحَبَّةُ فِيْ غُثَاءِ السَّيْلِ ، وَ يُكْتَبُ بَيْنَ اَعْيُنِهِمْ : هٰؤُلَاءِ عُتَقَاءُ اللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ ، فَيُذْهَبُ بِهِمْ فَيَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ ، فَيَقُوْلُ لَهُمْ اَهْلُ الْجَنَّةِ : هٰؤُلَاءِ الْجَهَنَّمِيُّوْنَ ، فَيَقُوْلُ الْجَبَّارُ : بَلْ هٰؤُلَاءِ عُتَقَاءُ الْجَبَّارِ عَزَّوَجَلَّ )) رَوَاهُ اَحْمَدُ [1]

(صحيح)

حضرت انس ﷛ حديث شفاعت ۾ رسول الله ﷺ کان روايت ڪن ٿا ته پاڻ ﷺ فرمايو. ”جڏهن الله تعاليٰ ماڻهن جي حساب مان فارغ (واندو) ٿيندو ۽ منهنجي امت جا باقي ماڻهو جن تي دوزخ واجب ٿي چڪو هوندو. اهل جهنم (يعني ڪافرن ۽ مشرڪن) سان گڏ دوزخ ۾ وڌا ويندا ته اهل جهنم (يعني ڪافر ۽ مشرڪ مسلمانن کي) چوندا. ”توهان ماڻهو الله جي عبادت ڪندا هئو. ليڪن توهان جي اها (خالص) عبادت توهان جي ڪنهن ڪم نه آئي“. الله عزوجل فرمائيندو. ”منهنجي عزت جو قسم! مان انهن کي باهه کان ضرور آزاد ڪندس.“ تنهنڪري الله تعاليٰ انهن ڏانهن ملائڪن کي موڪليندو اهي انهن کي دوزخ مان ڪڍي ايندا. اهي ماڻهو سڙي ڪوئلا ٿي ويا هوندا. پوءِ انهن کي (جنت جي دروازي تي) نهر حيات ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ اهي اهڙي طرح تروتازه ٿي ويندا جهڙي طرح ٻج سيلاب جي مٽيءَ ۾ ڦٽندو آهي. انهن جي اکين جي وچ ۾ هي الفاظ لکيا ويندا ته هي ماڻهو الله تعاليٰ جا آزاد ڪيل آهن. انهن کي وٺي ويندا ۽ جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. جنت وارا انهن کي ”جهنمي“ چئي سڏيندا. الله تعاليٰ عزوجل فرمائيندو ته ! بلڪ هي ته عتقاء الجبار (يعني جبار عزوجل جا آزاد ڪيل) آهن“. (احمد)

❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁

﴿اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ بِنِعْمَتِهٖ تَتِمُّ الصَّالِحَاتُ وَ اَلْفُ اَلْفِ صَلَاةٍ وَ سَلَامٍ عَلٰى اَفْضَلِ الْبَرِيَّاتِ وَعَلٰى آلِهٖ وَ اَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ﴾

1 كتاب السنة، للالباني، رقم الصفحه 393